ABC
THE MOST INFLUENTIAL & WIDELY ACCLAIMED SINDHI DAILY OF PAKISTAN
ڪراچي ۽ حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ قديم سنڌي اخبار
THE DAILY IBRAT Hyderabad
روزاني عبرت حيدرآباد
68 Years 1958 - 2025
Regd: NO-2430-B
Hyd: Ph: 2728703-4, 2728571-2, Fax: 2781879, 2784300 - Isld Ph: 2823277
Karachi Ph: 2272030-7 - 4538862-3 - Fax: 2272038-9 - 4543839 - 2639492 - Lahore: Ph: 5854047-8
سال (94) چنڇر 28 مارچ 2026ع 08 شوال المڪرم 1447 هه صفحا 6 - ملهه 30 روپيا شمارو (222)
website: www.dailyibrat.com Email: ibrat@yahoo.com, ibratmarketing@yahoo.com

آمريڪي ۽ ايراني نمائندا تمام جلد پاڪستان ۾ سڌي ريت دورو ڪندا: جرمن پرڏيهي وزير

اسرائيل جي تهران ۾ بمباري جاري، ايران پاران آمريڪي فوجين کي نشانو بڻائڻ جي ڌمڪي، شهرين کي پاسو ڪرڻ جي هدايت

خطي ۾ آمريڪي فوجين جي رهائش وارن هوٽلن کي به نشانو بڻايو ويندو ڇا اسان خاموش ويهي آمريڪن کي پاڻ تي حملا ڪرڻ ڏينداسين: ايراني هٿياربند فوجن جي ترجمان ابوالفضل شڪارچي

ظاهر آهي جتي به اهي موجود هوندا اسان کي اتي ئي مٿن حملو ڪرڻو پوندو ايران جي صوبي اصفهان ۾ حساس ڄاڻ ليڪ ڪرڻ جي الزام هيٺ 15 ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو

گرفتار جوابدارن تي فوجي هنڌن جون لوڪيشنز ليڪ ڪرڻ، حملن سبب ٿيل نقصانن جون تصويرون ۽ ٻيا تفصيل ليڪ ڪرڻ جا الزام، سفارتي ڪوششن باوجود وچ اوڀر ۾ جنگ ۽ حملن جي شدت برقرار

سفارتي ڪوششن باوجود وچ اوڀر ۾ جنگ ۽ حملن جي شدت برقرار، اسرائيلي حملن ۾ گهٽ ۾ گهٽ 13 ڄڻا شهيد، ملبن هيٺان دٻجي ويل زخمين جي ڳولا جاري آهي: ايران جون اختياريون

ايراني پاسداران انقلاب گارڊز طرفان به علائقي ۾ آمريڪي اڏن ۽ اسرائيلي هدفن کي نشانو بڻايو ويو حزب الله 21 اسرائيلي ٽينڪ تباهه ڪرڻ جي دعويٰ اسرائيل وڏيڪ هڪ فوجي مارجڻ جي تصديق

صدر ٽرمپ ۾ وڌيڪ 10 هزار فوجي موڪلڻ تي غور ناهي، آمريڪي اخبار جي رپورٽ موجب، پينٽاگون وڏيڪ فوجي موڪلڻ جي منصوبي جو جائزو وٺي رهيو آهي، امڪاني طور تي دشمن ۾ انفنٽري ۽ بڪتر بند گاڏيون شامل هونديون: آمريڪي اخبار

گڏيل عرب امارات آبناءِ هرمز کولرائڻ لاءِ گهڻ ملڪي بحري ٽاسڪ فورس ۾ شامل ٿيندو. گڏيل عرب امارات آمريڪا ۽ مغربي اتحادين کي پنهنجي فيصلي کان آگاهه ڪري ڇڏيو آهي

تهران (مانيٽرنگ ڊيسڪ) ايراني هٿياربند فوجن جي ترجمان ابوالفضل شڪارچي جو چوڻ آهي ته خطي ۾ آمريڪي فوجين جي رهائش وارن هوٽلن کي به نشانو بڻايو ويندو ڇا اسان خاموش ويهي آمريڪن کي پاڻ تي حملا ڪرڻ ڏينداسين ابوالفضل شڪارچي چيو ته ظاهر آهي جتي به اهي موجود هوندا اسان کي اتي ئي مٿن حملو ڪرڻو پوندو ٻئي پاسي ايران جي صوبي اصفهان ۾ بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

بقايا نمبر 28 ڏسو صفحو 2

سنڌ حڪومت پاران ڪارڊ هولڊر هارين کان 10 لک ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ خريد ڪرڻ جو فيصلو، اگهه 35 سؤ روپيا مقرر

ڪڻڪ خريداري جو عمل پهرين اپريل کان صوبي جي 109 مقرر ڪيل خريداري مرڪزن تي شروع ڪيو ويندو هن ڀيري پهريون ڀيرو ڪڻڪ خريداري صرف رجسٽرڊ هاري ڪارڊ هولڊرز کان ڪئي ويندي: صوبائي وزير

هن پاليسي تحت تقريبن 3 لک 30 هزار رجسٽرڊ هاري فائدو حاصل ڪندا. حڪومت هن ڀيري باردانو فراهم نه ڪندي، هاري پنهنجو باردانو پاڻ آڻيندا، حڪومت کين 60 روپيا في ٻوري جي حساب سان ادائيگي ڪندي

حڪومت عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ 84 ارب رپين جي سبسڊي ڏني، نتيجي ۾ رمضان المبارڪ دوران ڪڻڪ ۽ اٽي جي فراهمي کي شفاف نموني يقيني بڻايو ويو ۽ عوام کي سستي اگهه تي اٽو مهيا ڪيو ويو

حڪومت بي ضابطگين خلاف سخت قدم کڻندي 43 آفيسرن کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪيا، 22 آفيسرن کي معطل، 9 کي نوڪري مان برطرف ۽ 6 ڪيس اينٽي ڪرپشن اداري ڏانهن موڪليا

خوراڪ کاتي وٽ 12 لک ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ جو مڪمل ڊيٽا موجود هو ۽ ميڊيا ۾ ڪڻڪ چوري بابت خبرون بي بنياد آهن سنڌ حڪومت ڪڻڪ خريد ڪري ان کي محفوظ رکيو هو جيڪا رمضان دوران جاري ڪئي وئي

هاري ڪارڊ اسڪيم هارين لاءِ فائديمند ثابت ٿي آهي جنهن ذريعي انهن کي پاڻ ۽ ٻين سهولتن ۾ سڌو فائدو مليو آهي: صوبائي وزير مخدوم محبوب الزمان، جام خان شورو، مڪيش چاولا ۽ گيانچند ايسراڻي جون ميڊيا سان ڳالهيون

ڪراچي (رپورٽ: راهب ڳاهو) سنڌ ڪابينا جي سب ڪميٽي براءِ ڪڻڪ پاليسي جي ميمبرن صوبائي وزير خوراڪ مخدوم محبوب الزمان صوبائي وزير آبپاشي جام خان شورو صوبائي وزير ايڪسائيز مڪيش ڪمار چاولا ۽ مشير بحالي گيان چند ايسراڻي گڏيل پريس ڪانفرنس ڪندي سنڌ حڪومت جي ڪڻڪ خريداري بابت پاليسي جو اعلان ڪيو آهي. صوبائي وزير خوراڪ بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 2

اسلام آباد: نائي وارو وفاقي وزير محمد اورنگزيب پيٽرول جي قيمتن بابت گڏجاڻي جي صدارت ڪري رهيو آهي

آمريڪا ۽ اسرائيل طرفان مڙهيل جنگ ۾ هنيئر تائين 1900 ايراني شهيد ٿي چڪا: هلال احمر

تهران(م ر ڊ)عالمي فيڊريشن ريڊ ڪراس ۽ هلال احمر سان واڳيل هڪ اهلڪار جمعي ڏينهن چيو آهي ته ايراني هلال احمر طرفان بقايا نمبر 29 ڏسو صفحو 2

راولپنڊي: سنڌ سماءَ جو پارليامانيي سيڪريٽري دانيال چوڌري ميڊيا سان ڳالهائي رهيو آهي

صوبن ۾ اختيارن جي منتقلي لاءِ سڌارا ضروري آهن: احسن اقبال

صوبن ۽ مقامي حڪومتن وچ ۾ اختيارن جي منتقلي ضروري آهي

مضبوط مقامي حڪومتون صوبن کي وڌيڪ مضبوط بڻائينديون

اسلام آباد (اي پي پي) رٿابندي، ترقي ۽ خصوصي قدمن واري وفاقي وزير پروفيسر احسن اقبال چيو آهي ته حڪومت ساختي بقايا نمبر 30 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: صوبائي وزير مخدوم محبوب الزمان، جام خان شورو، مڪيش چاولا ۽ گيانچند ايسراڻي پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪري رهيا آهن

هلنڊڙ سال ارٿ آور "زمين لاءِ هڪ ڪلاڪ وقف ڪريون" جي عنوان سان ملهايو ويندو

هر ماڻهو ۽ برادري کي ماحولياتي تحفظ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو: وزيراعظم

اڄ شهري رات 8 لڳي 30 منٽن کان 9 لڳي 30 منٽن تائين بجلي ۽ غير ضروري روشني بند رکن

ارٿ آور هر ماڻهو ۽ هر برادري کي ماحولياتي ذميواري ۽ تحفظ تي ٻڌل طريقيڪار اختيار ڪرڻ جي ترغيب ڏي ٿو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف زمين جي تحفظ کي گڏيل ۽ اهم ذميواري قرار ڏيندي چيو آهي ته هر ماڻهو ۽ هر برادري کي ماحولياتي تحفظ لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو اڄ ڇنڇر بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 2

اسحاق ڊار جو مصر جي هم منصب رابطو، خطي جي صورتحال تي ڳالهيون

امن ۽ استحڪام کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ڳالهيون، تحمل ۽ گڏيل ڪوششن تي به ڳالهايو ويو

اسلام آباد (اي پي پي)نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار مصر جي پرڏيهي وزير ڊاڪٽر بدر عبدالعاطي بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 2

ڪراچي مان اغوا ٿيل نينگري جي بازيابي لاءِ لاڙڪاڻي ۾ احتجاج

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ بقايا نمبر 18 ڏسو صفحو 2

وزيراعظم سان ڪويت جي ولي عهد جو رابطو، ايران-آمريڪا ٽياڪڙي لاءِ پاڪستاني ڪوشش جي حمايت

ڪويت جي ولي عهد شيخ صباح الخالد الحمد الصباح کي وزيراعظم وچ اوڀر ۾ جنگ جي خاتمي لاءِ ڪوششن تي اعتماد ۾ ورتو

وزيراعظم ڪويت تي ٿيل حملن جي مذمت ۽ مشڪل حالتن ۾ ڪويت جي عوام سان گڏ پاڪستان جي مڪمل حمايت جو اظهار ڪيو

وزيراعظم ولي عهد جو ٿورو مڃيندي خاطري ڪرائي ته پاڪستان خطي ۾ امن ۽ استحڪام کي هٿي ڏيڻ لاءِ پنهنجو تعميري ڪردار جاري رکندو

اسلام آباد (اي پي پي) وزيراعظم محمد شهباز شريف ڪويت جي ولي عهد شيخ صباح الخالد الحمد الصباح کي وچ اوڀر ۾ بقايا نمبر 31 ڏسو صفحو 2

سعودي ولي عهد سان يوڪرين جي صدر جي ملاقات، علائقائي صورتحال تي ڳالهيون

شهزاده محمد بن سلمان سان يوڪرين جي صدر ولاديمير زيلنسڪي جده ۾ ملاقات ڪئي

ٻنهي اڳواڻن ملاقات دوران سعودي عرب ۽ يوڪرين جي لاڳاپن جو جائزو به ورتو

رياض (اي پي پي) سعودي عرب جي ولي عهد ۽ وزيراعظم شهزاده محمد بن سلمان سان يوڪرين جي صدر ولاديمير زيلنسڪي بقايا نمبر 32 ڏسو صفحو 2

گورنر سان جاپاني سفير ۽ انسٽيٽيوٽ آف بزنس مئنيجمينٽ جي صدر جي ملاقات

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ سيد محمد نهال هاشمي سان انسٽيٽيوٽ آف بقايا نمبر 33 ڏسو صفحو 2

پاڪستان ذريعي ايران وٽان مضبوط ۽ هاڪاري پيغام بي مثال آهي: روس

پرڏيهي پاليسي ٽيم سان گڏجي 15 نڪتن تي ٻڌل هڪ ايڪشن لسٽ پيش ڪيو ويو

آمريڪا-ايران جنگ ۾ ٽياڪڙ وارو ڪردار پاڪستان جي اهميت ۽ اعتماد جي عڪاسي ڪري ٿو

ماسڪو (م ر ڊ) آمريڪا جي وچ اوڀر معاملن بابت خاص نمائندي اسٽيو وٽڪوف جو چوڻ آهي ته پاڪستان ذريعي ايران کان مضبوط بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 2

پيٽرول 95 ۽ ڊيزل 203 رپيا في لٽر وڌائڻ جي سمري رد، قيمتون برقرار رکڻ جو اعلان

نئين شروع ٿيندڙ هفتي ۾ پيٽرول تي في لٽر 95 رپيا، ڊيزل تي 203 رپيا اضافو ڪرڻ جي تجويز ڏني وئي

عوام جي مشڪلاتن کي نظر ۾ رکندي انهي تجويز کي رد ڪري ڇڏيو آهي، حڪومت بار پاڻ کڻندي: وزيراعظم

اسلام آباد (م ر ڊ) وزيراعظم پيٽرول 95 ۽ ڊيزل 203 رپيا في لٽر وڌائڻ جي سمري رد ڪندي قيمتون برقرار رکڻ جو اعلان ڪيو آهي. وزيراعظم شهباز شريف قوم کي خطاب ڪندي چيو آهي ته نئين شروع بقايا نمبر 4 ڏسو صفحو 2

يو اي اي آبناءِ هرمز کولرائڻ لاءِ گهڻ ملڪي بحري ٽاسڪ فورس ۾ شامل ٿيندو: برطانوي اخبار

لنڊن(م ر ڊ) برطانوي اخبار فنانشل ٽائمز بقايا نمبر 19 ڏسو صفحو 2

صدر صاحب! گڏهن سان ڪٿي اچي معاملا حل ٿي ويندا: يوسف ٽرمپ کي ٽرول ڪري ڇڏيو

ممبئي(م ر ڊ)عالمي سطح تي آمريڪا، اسرائيل ۽ ايران جي وچ ۾ وڌندڙ ڇڪتاڻ بقايا نمبر 20 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: وڏي وزير سيد مراد علي شاهه سان آمريڪي قونصل جنرل چارلس گڊمين ملاقات ڪري رهيو آهي

وفاقي گهرو وزير جي چيني سفارتخاني آمد، مختلف معاملن تي ڳالهيون

چيني شهرين جي تحفظ لاءِ "اسپيشل پروٽيڪشن يونٽ" جي قيام جو اعلان

دهشتگردي جي روڪٿام، سيڪيورٽي تعاون ۽ خطي جي صورتحال تي پڻ ڳالهايو ويو

سيڪيورٽي ادارن وچ ۾ رابطن کي وڌيڪ بهتر ۽ اثرائتو بڻائي سگهجي: وفاقي

اسلام آباد (اي پي پي)گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي ڊپلوميٽڪ انڪليو ۾ چين جي سفارتخاني جو دورو ڪيو جي سنڌس اچيان چين جي سفير جيانگ زيدونگ ڪئي ملاقات دوران دهشتگردي بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 2

ايراني ۽ آمريڪي نمائندن ۾ سڌي ريت رابطا، جلد پاڪستان ۾ ملاقات جو امڪان

اعليٰ عملدارن وچ ۾ جلد سڌي ريت ملاقات لاءِ 15 نڪاتي امن فريم ورڪ تي ڳالهيون جاري

ايران ڪويت، يو اي اي ۽ بحرين ۾ موجود آمريڪي اڏن کي ڊگهي فاصلي واري ميزائلن ذريعي نشانو بڻايو

تهران/واشنگٽن/تل ابيب (مانيٽرنگ ڊيسڪ) جرمن پرڏيهي وزير يوهان واڊي فيهول ۽ وچ اوڀر لاءِ آمريڪي نمائندي اسٽيو وٽڪوف انڪشاف ڪيو آهي ته آمريڪا ۽ ايران جا اعليٰ عملدار تمام جلد پاڪستان ۾ سڌي ريت ملاقات ڪري سگهن ٿا، جنهن لاءِ 15 نڪاتي امن فريم ورڪ تي ڳالهيون جاري آهن ٻئي پاسي وچ اوڀر ۾ چڪتاڻ عروج تي آهي اسرائيلي بقايا نمبر 34 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: پنجاب جو گورنر سليم حيدر گورنر نهال هاشمي سان ملاقات ڪري رهيو آهي

سپريم ڪورٽ: پي ٽي آءِ جي باني خلاف داخل هتڪ عزت ڪيس ۾ دفاع جي حق بابت نظرثاني اپيل جي ٻڌڻي 31 مارچ تي ٿيندي

اسلام آباد (اي پي پي) سپريم ڪورٽ ۾ وزيراعظم محمد شهباز شريف پاران پي ٽي آءِ جي باني خلاف داخل هتڪ عزت ڪيس ۾ پي ٽي آءِ جي باني جي دفاع جي حق بقايا نمبر 35 ڏسو صفحو 2

پاڪستان نازڪ مرحلي مان گذري رهيو آهي: سينيٽ چيئرمين

معاشي چئلينجز کي منهن ڏيڻ لاءِ قوم جو گڏجڻ ۽ اتحاد ضروري آهي

سياسي پارٽين کي پوائنٽ اسڪورنگ کان پاسو ڪرڻ گهرجي: يوسف رضا گيلاني

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ جي چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني چيو آهي ته پاڪستان هن وقت نازڪ مرحلي مان بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 2

جي ايس پي پلس خلاف بيان بازي قومي مفاد خلاف خطرناڪ سازش آهي: شرجيل ميمڻ

جي ايس پي پلس اسٽيٽس نه رڳو ملڪ کي معاشي سهارو ڏئي ٿو پر لکين پاڪستان جي روزگار سان به اها سڌي ريت سلهاڙيل آهي

جي ايس پي پلس جهڙي حساس معاملي تي سياسي مقصدن تحت بيان بازي اصل ۾ قومي مفادن کي نقصان رسائڻ جي ڪوشش آهي

پي ٽي آءِ جو مسئلو ڪوڙ ڳالهائڻ ۽ ان کي ترجائي سان لڳاتار ورجائڻ آهي، عوام سڀڪجهه ڏسي ۽ سمجهي رهيو آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ جي ايس پي پلس بابت پي ٽي آءِ جي باني جي پٽ جي بيان جي شديد مذمت ڪندي چيو آهي بقايا نمبر 5 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ عورت اغوا ڪري زيادتي ڪندڙ جوابدار کي جنم ٽيپ

عدالت جوابدار تي ٻه لک رپيا ڏنڊ پڻ لاڳو ڪري ڇڏيو

ثبوت نه هجڻ جي بنياد تي گڏيل جوابداره نسرين ڪيس مان بري

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ايڊيشنل ڊسٽرڪٽ بقايا نمبر 6 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ اي ٽي ايم ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪندڙ جوابدار گرفتار

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گلبهار جي علائقي ۾ خانگي بينڪ جي اي ٽي ايم مشين بقايا نمبر 21 ڏسو صفحو 2

سينيٽ چيئرمين جو حڪم، ڪفايت شعاري مهم تحت 26 ڪروڙ 50 لک روپيا قومي خزاني ۾ جمع

ڪفايت شعاري قدمن تي مڪمل طور تي عملدرآمد يقيني بڻايو وڃي: وزيراعظم جي سينيٽ سيڪريٽريٽ کي هدايت

پارليامانيي معاملن، قانونسازي جي ذميوارين ۽ پارليامانيي نگراني جو نظام مڪمل طور تي اثرائتي انداز ۾ جاري رهي

اسلام آباد (اي پي پي) سينيٽ چيئرمين سيد يوسف رضا گيلاني وزيراعظم محمد شهباز شريف پاران اعلان ڪيل ڪفايت شعاري مهم تحت سينيٽ سيڪريٽريٽ کي هدايت ڪئي آهي ته ڪفايت شعاري بقايا نمبر 36 ڏسو صفحو 2

شهباز شريف جو ڪراچي جو دورو نمائشي ثابت ٿيو: راجا اظهر

37 گاڏين تي مشتمل قافلو ظاهر ڪري ٿو ته حڪمرانن لاءِ ڪا به ڪفايت شعاري ناهي

پهريان حڪومت پنهنجي خرچن کي گهٽائي پوءِ عوام کي نصيحت ڪرڻ گهرجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) پي ٽي آءِ ڪراچي جي صدر راجا اظهر وزيراعظم شهباز شريف جي ڪراچي دوري تي سخت تنقيد ڪندي بقايا نمبر 37 ڏسو صفحو 2

آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍو سان جماعت اسلامي ڪراچي جي امير منعم ظفر خان جي ملاقات

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آءِ جي سنڌ جاويد بقايا نمبر 38 ڏسو صفحو 2

لاهور: سينيٽ چيئرمين يوسف رضا گيلاني چمڙي جي مصنوعات جي نمائش ۾ شريڪ آهي

پاڪستان ۾ ٻارڻ جي جهازن جي آمد جو سلسلو مسلسل جاري

ڪيترائي جهاز فوٽڪو ٽرمينل ڪراچي تي نظرانداز ٿيڻ وارا

هزارين ميٽرڪ ٽن پيٽرول ۽ ڊيزل جلد ملڪ ۾ پهچي ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آبنائي هرمز جي بندش ۽ علائقائي چيلينجز جي باوجود، فوٽڪو (FOTCO) ٽرمينل مارچ 2026 بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 2

هاءِ ڪورٽ پاران گم ٿيل ماڻهن جو پتو نه لڳڻ تي جاچ آفيسرن تي ڪاوڙ

جڏهن پوليس وٽ شڪايت اچي ٿي ته ان جو باريڪي سان جائزو وٺڻ گهرجي:عدالت

عدالت آءِ جي سنڌ، گهرو کاتي واري سيڪريٽري ، ڊي آءِ جي جاچ ۽ ٻين کان اڳڀرائي بابت رپورٽون طلب ڪري ورتيون

درخواست موجب شمس ۽ سلمان جعفري شادمان ٽائون ۽ صدر وارن علائقن مان گم آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ / آئيني بينچ 17 گم ٿيل ماڻهن جي بازيابي بابت درخواستن تي ٻڌڻي عدالت پاران ڪيترن ئي گم ٿيل ماڻهن جو پتو نه لڳائڻ تي جاچ آفيسرن تي سخت ڪاوڙ جو اظهار ڪيو عدالت جاچ آفيسر کان پڇائو ڪيو ته پوليس جو بنيادي ڪم ڇا آهي؟ عدالت چيو ته جڏهن پوليس وٽ شڪايت اچي ٿي ته ان جو باريڪي سان جائزو وٺڻ بقايا نمبر 39 ڏسو صفحو 2

ڪراچي: صوبائي وزير اسماعيل راهو جي صدارت ۾ گڏجاڻي ٿي رهي آهي

شهيد آيت الله خامنه اي جي شهادت کان ٿورو اڳ ڪلامِ پاڪ جي تلاوت ڪندي آخري تصوير جاري

تهران(م ر ڊ)ايراني ميڊيا طرفان شهيد آيت الله خامنه اي جي آخري تصوير جاري ڪئي وئي آهي جنهن ۾ کيس قرآن پاڪ پڙهندي ڏسي سگهجي ٿو ايراني ميڊيا موجب، اها تصوير سندن شهادت کان ٿورو اڳ سي سي ٽي وي ڪئميرا ذريعي ورتي بقايا نمبر 40 ڏسو صفحو 2

شازيه مري پاران قاسم خان جي بيان جي سخت مذمت

باني پي ٽي آءِ جا ٻار پاڪستان ۾ نه رهن، جڏهن ته اسان ۽ اسان جا ٻار هتي رهن ٿا

قومي مفاد ۽ لکين ماڻهن جي روزگار کي سياست جي نظر نٿو ڪري سگهجي

باني پي ٽي آءِ جي اهل خانه کي ملڪ جي قانونن ۽ عدالتن کي منهن ڏيڻ گهرجي

ڪراچي (بيورو رپورٽ)پيپلز پارٽي جي اڳواڻ شازيه مري باني پي ٽي آءِ جي صاحبزادي جي جي ايس پي پلس بابت بيان تي سخت بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 2

سنڌ هاءِ ڪورٽ بار سميت مختلف بار ايسوسيئيشنز جون چونڊون ملتوي

ڊسٽرڪٽ بار حيدرآباد ۽ تعلقه بار ايسوسيئيشن سيوهڻ جون چونڊون پڻ ملتوي

عدالتي موڪلون، پيٽرول جي کوٽ، پيٽروليم شين جي قيمتن ۾ واڌ ۽ سيڪيورٽي خدشا اهم سبب

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ هاءِ ڪورٽ بار سميت مختلف بار ايسوسيئيشنز جون چونڊون ملتوي سنڌ بار ڪائونسل پاران بقايا نمبر 12 ڏسو صفحو 2

نيپال: راشٽريه سوئنترا پارٽي جي اڳواڻ بليندر شاهه وزيراعظم جي عهدي جو حلف کڻي ورتو

کٽمنڊو (اي پي پي) نيپال جي راشٽريه سوئنترا پارٽي جي سينئر اڳواڻ بليندر شاهه وزيراعظم جي عهدي جو حلف کڻي ورتو ميڊيا رپورٽن موجب گذريل ڏينهن گادي بقايا نمبر 8 ڏسو صفحو 2

وفاقي محتسب جي آفيس ۽ سنڌ حڪومت جي وچ ۾ اداري سطح تي سهڪار وڌائڻ جو فيصلو

سنڌ ۾ محتسب جي آفيس جو دائرو وڌائڻ لاءِ وڌيڪ ريجنل ۽ سب ريجنل آفيسون قائم ڪيون وڃن: وڏو وزير

صوبائي حڪومت پنهنجي سرڪاري پورٽل کي محتسب جي شڪايتن واري نظام سان ڳنڍيندي جنهن سان شهرين کي شڪايتون داخل ڪرائڻ ۾ آساني ٿيندي

وفاقي محتسب جي آفيس هن وقت لڳ ڀڳ 660 وفاقي وزارتن، کاتن ۽ انهن جي ماتحت ادارن خلاف شڪايتن جو ازالو ڪري ٿي: نويد ڪامران بلوچ

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه وفاقي محتسب اعليٰ نويد ڪامران بلوچ سان وزيراعليٰ هائوس ۾ ملاقات ڪئي جمعي جي ڏينهن ٿيل هن ملاقات ۾ عوامي شڪايتن جي ازالي واري بقايا نمبر 7 ڏسو صفحو 2

کٽمنڊو: نيپال جو نئون وزيراعظم حلف کڻي رهيو آهي

ايران ميزائلن تي "مهرباني پاڪستاني عوام" لکي اسرائيل تي فائر ڪري ڇڏيا

تهران(م ر ڊ)ايران آپريشن وعده صادق 4 جي 83هين لهر پاڪستان، جرمني ۽ اسپين جي عوام جي نالي ڪري ڇڏي، ايراني فوج بقايا نمبر 22 ڏسو صفحو 2

ٿيٽر اسان جي تهذيب ۽ ثقافت جو آئينو آهي: نهال هاشمي

اسٽيج ڊراما عوامي شعور کي اجاگر ڪرڻ جو طاقتور ذريعو آهن

اداڪار، هدايتڪار ۽ لکيڪ قومي اثاثو آهن، جن جي خدمتن جو قدر ڪيو وڃي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) عالمي ٿيٽر ڏينهن بقايا نمبر 9 ڏسو صفحو 2

ٿيٽر جي فنڪارن جون ڪوششون شعور جاڳائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪنديون: مراد علي شاهه

ٿيٽر سماج جو آئينو آهي، جيڪو جذبن، مسئلن ۽ ثقافتي قدرن جي عڪاسي ڪندو آهي

حڪومت صوبي ۾ ٿيٽر هالز جي بحالي ۽ جديد سهولتن جي فراهمي لاءِ پڻ سرگرم آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه ٿيٽر جي عالمي ڏينهن جي موقعي تي سنڌس پيغام ۾ چيو آهي بقايا نمبر 41 ڏسو صفحو 2

ٿيٽر خاموش طبقن جي مسئلن کي زبان ڏئي ٿو: محمد علي ملڪاڻي

اسٽيج جا فنڪار پنهنجي محنت سان ئي رنگ معاشري ۾ زندگيءَ جا رنگ ڀرين ٿا

سنڌ جون قديم لوڪ ڪهاڻيون ۽ داستانون ٿيٽر ذريعي زندهه رکڻ لاءِ قدم کنيا ويندا

ڪراچي (بيورو رپورٽ) صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي عالمي يومِ ٿيٽر جي موقعي تي فنون لطيفه سان لاڳاپيل ماڻهن کي بقايا نمبر 11 ڏسو صفحو 2

دوائن جي قيمتن ۾ ٿيل واڌ مهانگائي جو نئون طوفان کڻي آئي آهي: حليم عادل

انسولين جي قيمت ٻيڻ تي وڌائي وئي آهي، مريضن لاءِ زندگي مشڪل بڻي آهي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) زندگي بچائيندڙ بقايا نمبر 27 ڏسو صفحو 2

امتحانن ۾ ڪاپي جي روڪٿام لاءِ جديد واٽر مارڪنگ سسٽم لاڳو ڪرڻ جو فيصلو

7 اپريل کان نائين کان ٻارهين جماعت جا 13 لک 53 هزار 258 شاگرد امتحانن ۾ حصو وٺندا: اسماعيل راهو

ڪراچي ۾ نائين ۽ ڏهين جماعت جا امتحان 7 اپريل کان شروع ٿيندا، جڏهن ته يارهين ۽ ٻارهين جا امتحان 25 اپريل کان ٿيندا

سکر ۽ شهيد بينظير آباد ڊويزن ۾ سمورا امتحان اي - مارڪنگ تحت ورتا ويندا لاڙڪاڻي بورڊ ۾ نائين کان ٻارهين جماعت جا 8 پيپر اي-مارڪنگ ذريعي ورتا ويندا

صوبائي سطح تي شڪايتي سيل قائم ڪيو ويندو سمورن امتحاني مرڪزن ۾ موبائل فون آڻڻ تي پابندي هوندي ۽ دفعو 144 لاڳو ڪيو ويندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سنڌ حڪومت امتحانن ۾ ڪاپي جي روڪٿام لاءِ جديد واٽر مارڪنگ سسٽم لاڳو ڪرڻ جو فيصلو ڪري ورتو آهي جنهن ذريعي پيپر آئوٽ ڪندڙن جو فوري طور پتو لڳائي سگهبو بقايا نمبر 10 ڏسو صفحو 2

حڪومت پاران 43 آفيسرن کي شوڪاز نوٽيس جاري

22 آفيسرن کي معطل، 9 کي نوڪري مان برطرف ڪيو ويو: مخدوم محبوب

6 ڪيس اينٽي ڪرپشن اداري ڏانهن موڪليا، احتساب جو نظام وڌيڪ مضبوط ٿيو آهي

ڪراچي (رپورٽ مجيد عباسي) صوبائي وزير مخدوم محبوب الزمان چيو ته سنڌ حڪومت عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ بقايا نمبر 42 ڏسو صفحو 2

پشاور: هڪ شخص سائيڪل تي بال وڪري لاءِ کڻي وڃي رهيو آهي

ڪراچي: جماعت اسلامي ڪراچي جو امير آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڍي سان ملاقات ڪري رهيو آهي

ڪراچي ۾ حادثن ۽ واقعن ۾ معصوم ٻارڙي سميت 3 ڄڻن جا لاش هٿ، 3 زخمي

سائيٽ ايريا جي ويجهو قصوري ملڪ شاپ جي پرسان 62 سالن جي شخص جو لاش مليو

ابراهيم حيدري يعقوب مسجد ويجهو گهر مان 20 سالن جي نوجوان وقاص ولد قمر زمان جو ڳچي ۾ ڦندو ٻڌل لاش هٿ آيو

منيليم پمپ گرين لين اسٽاپ جي ويجهو فٽ پاٿ تان 8 کان 9 مهينن جي معصوم ٻار جو لاش مليو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ الڳ الڳ حادثن ۽ واقعن ۾ معصوم ٻارڙي سميت 3 ڄڻن جا لاش هٿ، فائرنگ ۾ 3 ڄڻا پڻ زخمي ٿي پيا. سائيٽ ايريا جي ويجهو قصوري ملڪ شاپ جي پرسان 62 بقايا نمبر 43 ڏسو صفحو 2

سنڌ جي ڌرتي فن ۽ ثقافت جو گهوارو رهي آهي: ذوالفقار شاهه

اسٽيج فنڪارن پنهنجي جاندار اداڪاري سان هميشه پنهنجو مڃتا ماڻيو آهي

ثقافت کاتو سنڌ ٿيٽر جي واڌ ويجهه ۽ فنڪارن جي ڀلائي لاءِ عملي قدم کڻي رهيو آهي

يوم ٿيٽر اسان کي هن قديم فن جي اهميت اجاگر ڪرڻ ۽ ان کي زنده رکڻ جي ياد ڏياريندو

ڪراچي (بيورو رپورٽ)صوبائي وزير ثقافت سياحت ۽ نوادرات سيد ذوالفقار علي شاهه عالمي يوم ٿيٽر جي موقعي تي فنڪارن ۽ بقايا نمبر 26 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ فائرنگ ۾ هڪ شخص قتل، جوابدار گرفتار

فرنٽيئر ڪالوني ۾ 45 سالن جي رحيم داد پٽ رحمان داد کي گولي لڳي

پوليس واقعي ۾ ملوث جوابدار محمد ڪفيل پٽ محمد حسين کي گرفتار ڪري ورتو

جوابدار جي قبضي مان هڪ لائسنس يافته 30 بور پستول هٿ ڪيو ويو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي جي پير آباد علائقي ۾ فائرنگ جي افسوسناڪ واقعي ۾ هڪ شهري قتل ٿي ويو جڏهن ته پوليس فوري ڪارروائي ڪندي جوابدار کي هٿيار سميت گرفتار ڪري ورتو ايس ايس بقايا نمبر 23 ڏسو صفحو 2

حيدرآباد: حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس پاران ڪوٽڙي جي صحافين جي حق ۾ احتجاج ڪيو پيو وڃي

نيوزيلينڊ ٻڌران پاڪستان ۾ علاج کي ترجيح، مائيڪ هيسن جي ڇيلهه جي ڪامياب سرجري

لاهور(م ر ڊ)پاڪستان ڪرڪيٽ ٽيم جي بقايا نمبر 44 ڏسو صفحو 2

گلگت بلتستان ۽ خيبرپختونخواهه جي مختلف علائقن ۾ 5.3 شدت جو زلزلو

پشاور(م ر ڊ) گلگت بلتستان ۽ خيبرپختونخواهه جي مختلف علائقن ۾ بقايا نمبر 45 ڏسو صفحو 2

ڪراچي ۾ مارجي ويل ڦورن جي سڃاڻپ، پوليس پارٽي لاءِ انعام جو اعلان

مقابلي ۾ مارجي ويل ڦورن جي سڃاڻپ عارف ۽ ريحان جي نالي سان ٿي

ساٿي جي سڃاڻپ ميرب جي نالي سان ٿي، ٽئي پنجاب جا رهواسي آهن

ڪراچي (بيورو رپورٽ) ڪراچي ۾ خواجه اجمير نگري پوليس پاران سيڪٽر 2 نارٿ ڪراچي ۾ الحميد اسڪول جي ويجهو هڪ بقايا نمبر 25 ڏسو صفحو 2

ملتان: هڪ ناري گاهه جي ڀري مٿي تي کڻي اچي رهي آهي

ڪراچي ۾ گٽر جي صفائي ڪندي صفائي ڪارڪن فوت

40 سالن جي پرويز مسيح جو لاش ريسڪيو عملي ڪڍيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) آءِ آءِ چندريگر روڊ لڳ ريلوي ڪالوني ۾ گٽر جي صفائي دوران ساهه ٻوسٽجڻ سبب 40 سالن جو پرويز مسيح ولد جاويد مسيح فوت ٿي ويو. تفصيل موجب آءِ جي چندريگر روڊ ريلوي بقايا نمبر 24 ڏسو صفحو 2

بقايا	1	مقرر

مخدوم محبوب الزمان پنهنجي خطاب ۾ چيو ته سنڌ حڪومت هلندڙ سيزن دوران 10 لک ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ خريد ڪرڻ جو هدف مقرر ڪيو آهي جڏهن ته ڪڻڪ جو سرڪاري اگهه 3500 رپيا في 40 ڪلو مقرر ڪيو ويو آهي. هن ٻڌايو ته ڪڻڪ خريداري جو عمل ٻهرين اپريل کان صوبي جي 109 مقرر ڪيل خريداري مرڪزن تي شروع ڪيو ويندو. هن چيو ته هن ڀيري ٻهرين ڀيرو ڪڻڪ خريداري صرف رجسٽرڊ هاري ڪارڊ هولڊرز کان ڪئي ويندي، جنهن سان خريداري جي عمل ۾ شفافيت، ميرٽ ۽ سڌي طرح هارين کي فائدو پهچائڻ کي يقيني بڻايو ويندو. هن وڌيڪ ٻڌايو ته هن پاليسي تحت تقريبن 3 لک 30 هزار رجسٽرڊ هاري فائدو حاصل ڪندا. مخدوم محبوب الزمان چيو ته حڪومت هن ڀيري باردانو فراهم نه ڪندي، جڏهن ته هاري پنهنجو باردانو پاڻ آڻيندا، جنهن جي بدلي ۾ حڪومت کين 60 رپيا في بوري جي حساب سان ادائيگي ڪندي جيڪا سنڌ بئنڪ ذريعي سڌي طرح هارين جي اڪائونٽن ۾ منتقل ڪئي ويندي. هن قدم سان خريداري جي عمل کي آسان، تيز ۽ شفاف بڻايو ويندو. صوبائي وزير خوراڪ وڌيڪ چيو ته سنڌ حڪومت عوام کي رليف فراهم ڪرڻ لاءِ 84 ارب رپين جي وڏي سبسڊي ڏني جنهن جي نتيجي ۾ رمضان المبارڪ دوران ڪڻڪ ۽ اٽي جي فراهمي کي شفاف نموني يقيني بڻايو ويو ۽ عوام کي سستي اگهه تي اٽو مهيا ڪيو ويو. هن چيو ته حڪومت بي ضابطگين خلاف سخت قدم کڻندي 43 آفيسرن کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪيا، 22 آفيسرن کي معطل 9 کي نوڪري مان برطرف ۽ 6 ڪيس اينٽي ڪرپشن اداري ڏانهن موڪليا، جنهن سان احتساب جو نظام وڌيڪ مضبوط ڪيو ويو آهي. صوبائي وزير آبپاشي جام خان شورو چيو ته خوراڪ کاتي وٽ 12 لک ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ جو مڪمل ڊيٽا موجود هو ۽ ميڊيا ۾ ڪڻڪ چوري بابت خبرون بي بنياد آهن. هن چيو ته سنڌ حڪومت ڪڻڪ خريد ڪري ان کي محفوظ رکيو هو جيڪا رمضان دوران عوام جي ضرورت مطابق جاري ڪئي وئي جڏهن ته هن وقت به لڳ ڀڳ 2 لک ميٽرڪ ٽن ڪڻڪ جو ذخيرو موجود آهي جنهن کي حڪمت عملي تحت استعمال ڪيو ويندو. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ ساليانو تقريبن 43 لک ٽن ڪڻڪ جي پيداوار ٿيندي آهي ۽ موجوده پاليسي خاص طور تي ننڍن آبادگارن جي تحفظ ۽ سهولت لاءِ تيار ڪئي وئي آهي جن کي اڳ ۾ به ڊي اي پي ۽ يوريا ڀاڻ جي صورت ۾ سبسڊي فراهم ڪئي وئي هئي. صوبائي وزير مڪيش ڪمار چاولا چيو ته هاري ڪارڊ اسڪيم هارين لاءِ فائديمند ثابت ٿي آهي.

عمل ڪندي سيڪريٽريٽ پنهنجي خرچن جو تفصيلي جائزو وٺڻ کانپوءِ فوري قدم طور 26 ڪروڙ 50 لک روپيا ناڻي واري وزارت جي حوالي ڪري ڇڏيا ته جيئن اها رقم قومي خزاني ۾ جمع ڪرائي سگهجي، جڏهن ته ايندڙ هفتن ۾ غير ضروري خرچن ۾ گهٽتائي ذريعي وڌيڪ بچت جي نشاندهي لاءِ پڻ قدم جاري آهن ته جيئن اضافي رقم پڻ قومي خزاني ۾ جمع ڪرائي سگهجي. سينيٽ چيئرمين چيو ته سينيٽ اهم آئيني ادارو هجڻ جي ناطي موجوده معاشي حالتن ۾ مالي نظم ۽ ضبط جي اهميت کي سمجهي ٿو ۽ ملڪي معاشي استحڪام لاءِ حڪومت جي ڪوششن جي مڪمل حمايت ڪري ٿو هن چيو ته سينيٽ سيڪريٽريٽ سان لاڳاپيل شعبن کي پڻ هدايت ڪئي وئي آهي ته اهي ڪفايت شعاري جي حوالي سان هدايتن تي سختي سان عمل ڪن جن ۾ غير ضروري خرچ گهٽ ڪرڻ آپريشنل خرچ گهٽ ڪرڻ ۽ دستياب وسيلن جو اثرائتو استعمال شامل آهي. ان ڳالهه کي پڻ يقيني بڻايو وڃي ته پارلياماني معاملن قانونسازي جي ذميوارين ۽ پارلياماني نگراني جو نظام مڪمل طور تي اثرائتي انداز ۾ جاري رهي هن چيو ته سينيٽ سيڪريٽريٽ شفاف ۽ جوابدهي تي ٻڌل مالياتي طريقيڪار کي برقرار رکندي عوامي وسيلن جي تحفظ ۽ پارلياماني معاملن جي اثرائتي انجام دهي کي يقيني بڻائيندو رهندو.

بقايا	37	راجا اظهر

چيو آهي ته اهو دورو صرف نمائشي ثابت ٿيو جنهن جي حڪمرانن عوامي مسئلن جي بدران سياسي ملاقاتن کي ترجيح ڏني. راجا اظهر چيو ته 37 گاڏين تي مشتمل قافلو ظاهر ڪري ٿو ته حڪمرانن لاءِ ڪا به ڪفايت شعاري ناهي جڏهن ته قربانيون هميشه عوام لاءِ ٿين ٿيون. حڪومتي پاليسيون تضادات سان ڀريل آهن هڪ طرف ڪفايت شعاري جا دعويٰ ۽ ٻئي طرف شاهاڻو خرچ جاري آهن. هن زور ڏنو ته ٻهريان حڪومت پنهنجي خرچن کي گهٽائي پوءِ عوام کي نصيحت ڪرڻ گهرجي. هن وڌيڪ چيو ته وزيراعظم کي شيري رحمان ۽ فريال تالپور جي گهرڻ تائين رسائي آهي پر گل پلازا جا متاثر خاندان نظر نه اچن ٿا. جيڪڏهن وزيراعظم واقعي عوام سان گڏ بيٺا هجن ها ته سڀ کان پهريان گل پلازا جي متاثر خاندانن جي دروازي تي وڃن ها. راجا اظهر زور ڏنو ته حڪومت نمائشي سياست ڇڏائي ۽ عوام جي ڏکن جو حقيقي مداوا ڪري. گل پلازا جي لواحقين کي اڪيلو ڇڏڻ حڪومت جي بي حسي جي بدترين مثال آهي.

بقايا	38	ملاقات

عالم اوڊو سان جماعت اسلامي ڪراچي جي امير منعم ظفر خان جي سينٽرل پوليس آفيس ڪراچي ۾ ملاقات ڪئي ملاقات دوران ڪراچي ۾ امن امان جي موجوده صورتحال ۽ ان حوالي سان پوليس جي قدمن تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي. ملاقات ۾ آءِ جي سنڌ جاويد عالم اوڊو ڪراچي ۾ ڏوهن منشيات ۽ ٽريفڪ ضابطن جي خلاف ورزي جي روڪٿام بابت سنڌ پوليس جي جاري آپريشن ۽ حڪمت عملي بابت آگاهه ڪيو آءِ جي سنڌ عوام دوست ۽ جديد پوليسنگ ۽ عوامي سهولتن لاءِ قدمن بابت پڻ آگاهه ڪيو ملاقات ۾ امن امان قائم ڪرڻ ڏوهن جي خاتمي ۽ ٽريفڪ ضابطن جي اثرائتي نفاذ کي يقيني بڻائڻ لاءِ گڏيل ۽ اجتماعي ڪوشش کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ويو ملاقات ۾ امير جماعت اسلامي ڪراچي شهر ۾ امن قائم ڪرڻ لاءِ سنڌ پوليس جي ڪوششن تي اطمينان جو اظهار ڪيو ۽ مڪمل تعاون جو يقين ڏياريو.

بقايا	39	ڪارڙ

گهرجي عدالت گم ٿيل ماڻهن جي معاملي ۾ جاچ کي موثر بڻائڻ جي هدايت ڪري ڇڏي عدالت آءِ جي سنڌ، گهرو کاتي واري سيڪريٽري، ڊي آءِ جي جاچ ۽ ٻين کان اڳيرائي بابت رپورٽون طلب ڪري ورتيون درخواستگذارن موجب شهري عبدالواحد، يوسف، صبغت الله امجد، جمشيد ڪوارڪر ۽ ٻين علائقن مان گم ٿيل آهن. درخواست موجب شمس ۽ سلمان جعفري شادمان ٽائون ۽ صدر وارن علائقن مان گم آهن پوليس رپورٽ موجب ٿاڻي درخشان جي علائقي مان گم ٿيل جهانزيب گهر واپس اچي ويو آهي پوليس رپورٽ موجب نويد ائون شاه ولي الله عبدالله ۽ ٻين گم ٿيل ماڻهن جي ڳولا جاري آهي پوليس عدالت کي ٻڌايو ته مختلف ادارن کي خط لکيا ويا آهن تفصيلي جواب جمع ڪرائڻ لاءِ مهلت ڏني وڃي عدالت درخشان ٿاڻي جي حد مان گم ٿيل جهانزيب جي واپس اچڻ تي درخواست اڪلائي ڇڏي.

بقايا	40	تصوير جاري

وئي. واضح رهي ته آيت الله خامنه اي 28 فيبروري تي آمريڪي ۽ اسرائيلي حملن ۾ شهيد ٿي ويو هو.

بقايا	41	مراد علي شاهه

ته ٿيٽر سماج جو آئينو آهي جيڪو انساني جذبن سماجي مسئلن ۽ ثقافتي قدرن جي مڪمل عڪاسي ڪندو آهي هن پرفارمنگ آرٽس سان لاڳاپيل فنڪارن کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو ته ٿيٽر جي فنڪارن جون ڪوششون سماج ۾ شعور جاڳائڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪنديون آهن وڏي وزير چيو ته ٿيٽر رڳو اداڪاري نه پر انساني احساسن جي ترجماني جو هڪ اثرائتو ذريعو آهي. هن چيو ته سنڌ جي ڌرتيءَ سدائين عظيم فنڪارن کي جنم ڏنو آهي جن ٿيٽر کي نئين انداز سان متعارف ڪرايو ۽ عالمي سطح تي پيش ڪيو سيد مراد علي شاهه هن عزم جو اظهار ڪيو ته سنڌ حڪومت ٿيٽر کي هٿي ڏيڻ فنڪارن جي ڀلائي ۽ سنڌي سرپرستيءَ لاءِ اپاءَ جاري رکندي. هن چيو ته اسٽيج فنڪارن سنڌ ۽ پاڪستان جو نالو عالمي سطح تي روشن ڪيو آهي هن وڌيڪ چيو ته ٿيٽر عوامي شعور کي بيدار ڪرڻ ۽ سماجي برائين جي نشاندهي جو هڪ مؤثر ذريعو آهي. جڏهن ته اسٽيج ذريعي سنڌ جي ثقافت ۽ روايتن کي نئين نسل تائين منتقل ڪرڻ وقت جي اهم ضرورت آهي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو ته حڪومت صوبي ۾ ٿيٽر هالز جي بحالي ۽ جديد سهولتن جي فراهمي لاءِ پڻ سرگرم آهي سنڌس پيغام ۾ هن زور پريو ته ڊجيٽل دور جي باوجود لائيو ٿيٽر جي اهميت برقرار آهي ۽ اسٽيج ڊرامن ذريعي برداشت، رواداري ۽ ڀائيچاري جا پيغام عام ڪري سگهجن ٿا. هن چيو ته ڪلاسڪ ۽ جديد اسڪرپٽس جو امتزاج سنڌ جي ٿيٽر کي عالمي سطح تي وڌيڪ ممتاز بڻائي سگهي ٿو سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه چيو ته ٿيٽر جي بحالي سان نه رڳو مثبت ثقافتي سرگرمين کي هٿي ملندي پر سياحت واري شعبي ۾ پڻ واڌ ٿيندو هن پڪو پهه ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت فن ۽ ثقافت جي فروغ لاءِ پنهنجون ڪوششون جاري رکندي.

بقايا	42	نوٽيس جاري

84 ارب رپين جي وڏي سبسڊي ڏني جنهن جي نتيجي ۾ رمضان المبارڪ دوران ڪڻڪ ۽ اٽي جي فراهمي کي شفاف نموني يقيني بڻايو ويو ۽ عوام کي سستي اگهه تي اٽو مهيا ڪيو ويو. هن چيو ته حڪومت بي ضابطگين خلاف سخت قدم کڻندي 43 آفيسرن کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪيا، 22 آفيسرن کي معطل 9 کي نوڪري مان برطرف ۽ 6 ڪيس اينٽي ڪرپشن اداري ڏانهن موڪليا، جنهن سان احتساب جو نظام وڌيڪ مضبوط ڪيو ويو آهي.

بقايا	43	لاش هٿ

سالن جي شخص جو لاش مليو آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته متوفي جي لاش جي سڃاڻپ ساجد محمود ولد شيخ

بئريسٽر غلام مرتضيٰ خان ٻگهيو پارن مختلف تقريبن ۾ شرڪت

باڊهه (ن-ع) پ پ پ ايم اين اي نظير احمد ٻگهيو جي فرزند بئريسٽر غلام مرتضيٰ خان ٻگهيو باڊهه پهچي پارٽي اڳواڻ ۽ اڳوڻي ٽائون چيئرمين محمد خان چنه جي پوٽن جي رسم سنت واري دعوت ۾ شرڪت ڪئي ٻئي طرف هن باڊهه پرسان ڳوٺ ٻنڙا ۾ اڳوڻي يوسي ناظم غلام الله ٻگهيو جي گهرواري، سيد فرزند علي شاهه جي والد، ڳوٺ علي محمد ٿهيم ۾ ٿهيم برادري جي محمد هارون ۽ عبيدالله ٿهيم سان سندن پيارن جي وڇوڙي تي تعزيتون ڪيون

باڊهه ۾ نوجوان جي گرفتاري خلاف وارثن جو احتجاج

باڊهه (ن-ع) لاڙڪاڻو پوليس باڊهه لڳ ڳوٺ انب پور ۾ مبينا چڙهائي ڪري نوجوان الطاف عباسي کي گرفتار ڪري نامعلوم هنڌ منتقل ڪيو ويو واقعي خلاف وارثن پارن باڊهه ٿاڻي اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو احتجاج جي اڳواڻي ڪندڙ همت علي عباسي ۽ ٻين وارثن ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام هنيو ته لاڙڪاڻو پوليس بلاجواز آسان جي گهرن تي چڙهائي ڪري عورتن ۽ ٻارن کي حراسان ڪيو جيڪو انتهائي افسوسناڪ عمل آهي. هنن چيو ته گرفتار ڪيل نوجوان الطاف عباسي بيگناهه آهي ۽ سندس ڪنهن به ڏوهاري سرگرمي سان ڪو به واسطو ناهي، پر ان جي باوجود ڪيس زبردستي گرفتار ڪري ڪٽي وڃڻ سراسر ناانصافي آهي

ڪرڙي جي صحافين کي حراسان ڪرڻ خلاف قبوسعيدخان ۾ احتجاج

قبوسعيدخان (ن-ع) قبوسعيدخان پريس ڪلب جي صدر عبدالجليل ڪوسو جي اڳواڻي ۾ صحافين پارن عظيم باريجو ۽ سندس پٽن کي حراسان ڪرڻ، گهرن تي حملو ۽ موت مار ڌمڪيون ڏيڻ خلاف پريس ڪلب قبوسعيدخان اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهري ۾ شهر جي مختلف سياسي سماجي اڳواڻن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي ڳالهائيندي پريس ڪلب جي صدر عبدالجليل ڪوسو، نظيراحمد ڪوسو، خليل احمد ڪوسو، خادم حسين بروهي، سماجي اڳواڻ گهنور بروهي ۽ ٻين ڳالهائيندي چيو ته عظيم باريجو ۽ ڏٺي بخش باريجو کي سچ لکڻ تي گهرن تي حملا ڪرڻ ۽ ڌمڪيون ڏيندڙن جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي، سنڌ ۾ صحافين کي هميشه حق سچ لکڻ تي قتل ،تشدد،ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ معمول بڻجي ويو آهي ، هنن حڪومت کان گهر ڪندي مطالبو ڪيو ته صحافين کي تحفظ ڏيئي کين بيچيني ختم ڪئي وڃي

ڪراچي ۾ بجلي جي ٿنڀي تي چڙهيل ڏمراهه کي ريسڪيو اهلڪارن لاهي ورتو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) زمان ٽائون ٿاڻي جي علائقي ۾ ابراهيم حيدري پاسبان چوڪ ريجهو هڪ شهري هاءِ ٽينشن لائين جي ٿنڀ تي چڙهي ويو جنهن کي ريسڪيو اهلڪارن هڪ ڪلاڪ جي مسلسل ڪوشش کان پوءِ هيٺ لاٿو وڏي تعداد ۾ شهري موقعي تي گڏ ٿي ويا. پوليس موجب ٿنڀ تي چڙهندڙ شهري جي سڃاڻپ عبدالحڪيم جي نالي سان ٿي جيڪو علي اڪبر ڳوٺ ابراهيم حيدري جو رهواسي هو عبدالحڪيم گهريلو مسئلن کان تنگ اچي هي قدم کنيو ريسڪيو اهلڪار ڏاکڻ استعمال ڪندي ٿنڀ تي چڙهي ويا ۽ شهري سان ڳالهائڻ کان پوءِ کيس هيٺ لهڻ لاءِ قائل ڪيو پوليس کيس حراست ۾ وٺي پوليس ٿاڻي منتقل ڪيو جتي ڪيس سنڌس پاءُ جي حوالي ڪيو ويو پوليس پاءُ کي اسپتال ۾ سنڌس معائنو ڪرائڻ جي هدايت ڪئي

شهر قائد عملي طور تي ڌاڙيلن جي رحم و ڪرم تي ڇڏي ڏنو ويو آهي: سردار رحيم

ڪراچي (بيورو رپورٽ)پاڪستان مسلم ليگ فنڪشنل سنڌ جي جنرل سيڪريٽري سردار عبدالرحيم ڪراچي ۾ وڌندڙ بدامني ۽ ڏکيتين تي شديد تشويش جو اظهار ڪندي چيو آهي ته شهر قائد عملي طور تي ڌاڙيلن جي رحم و ڪرم تي ڇڏي ڏنو ويو آهي ۽ حڪومت مڪمل طور تي ناڪام ٿي چڪي آهي. هن چيو ته گذريل ڏينهن شهيد ملت روڊ تي پيش آيل افسوسناڪ واقعي جي سخت مذمت ڪندي چيو ته ميڊيڪل ڪاليج جي طالبات سان ڀريل بس ۾ مسلح ڌاڙيلن جو داخل ٿي انهن جا موبائل فون نقدي ۽ زيورات لٽڻ ڪلي رياستي ناڪامي آهي. هن چيو ته جيڪڏهن اها صورتحال به حڪومت ۽ سيڪيورٽي ادارن کي جاڳائڻ لاءِ ڪافي ناهي ته پوءِ سوال پيدا ٿئي ٿو ته شهرين آخر ڪنهن تي اعتماد ڪن؟ سردار عبدالرحيم چيو ته معصوم ڇوڪرين کي تحفظ فراهم نه ڪرڻ حڪومت لاءِ شرمناڪ آهي.

عبدالله جي نالي سان ٿي آهي. زمان ٽائون ٿاڻي جي حد ڪورنگي پرسان ابراهيم حيدري يعقوب مسجد ويجهو گهر مان 20 سالن جي نوجوان وقاص ولد قمر زمان جو ڳچي ۾ ڦندو ٻڌل لاش هٿ آيو آهي. سرجاني ٽائون ٿاڻي جي حد منيليم پمپ گرين لين اسٽاپ جي ويجهو فٽ پاٿ تان 8 کان 9 مهينن جي معصوم ٻار جو لاش مليو بوٽ بيسن ٿاڻي جي حد ڪلفٽن بلاڪ ٽو جي علائقي ضياءُ الدين اسپتال لڳ مسجد جي ٻاهر موٽرسائيڪل تي سوار هٿياربندن فائرنگ ڪري 3 ڄڻن کي زخمي ڪري فرار ٿي ويا. پوليس موجب زخمين ۾ ساجد ولد امين، دلاور ولد امين ۽ فضل ربي ولد فضل الرحمن شامل آهن.

بقايا	44	سرجري

هيڊ ڪوچ مائيڪ هيسن جي لاهور جي مقامي اسپتال ۾ چيلهه جي ڪامياب سرجري ٿي آهي ذريعن موجب، مائيڪ هيسن کي چيلهه ۾ تڪليف هئي مائيڪ هيسن نيوزيلينڊ بدران لاهور ۾ علاج ڪرائڻ کي ترجيح ڏني ذريعن جو چوڻ آهي ته ڊاڪٽرن مائيڪ هيسن جي ڪامياب سرجري ڪئي ڊاڪٽرن کيس ٻن هفتن تائين آرام جو مشورو ڏنو آهي ذريعن موجب، مائيڪ هيسن علاج ڪانپوءِ واپس نيوزيلينڊ ويندو

بقايا	45	زلزلو

5.3 شدت جي زلزلي جا لوڏا محسوس ڪيا ويا جنهن سبب ماڻهن ۾ خوف حراس پکڙجي ويو پاڪستان جي موسميات کاتي موجب زلزلي جا لوڏا گلگت، اسڪردو پٽن بالا ڪوٽ ۽ قرب وجوار ۾ محسوس ڪيا ويا. ريڪٽر اسڪيل تي زلزلي جي لوڏن جي شدت 5.3 جڏهن ته زمين اندر گهرائي 12 ڪلو ميٽر رڪارڊ ڪئي وئي زلزلي جو مرڪز اتر مغربي ڪشمير گلگت بلتستان کان 84 ڪلوڪو ميٽر اتر اوڀر ۾ هو پر زلزلي سبب سبب ڪنهن به قسم جي جاني نقصان جي اطلاع نه ملي آهي زلزلي سبب وادي چيورسن گوجال ۾ ڪيترن ئي گهرن کي به نقصان پهچڻ جا اطلاع سامهون آيا آهن پر جاني نقصان جي اطلاع نه ملي آهي. زلزلي کان پوءِ ماڻهو ڪلمي جو ورد ڪندي گهرن ۽ آفيسن کان ٻاهر نڪري آيا.

EXIM
ايڪسپورٽ-امپورٽ بينڪ آف پاڪستان
Export-Import Bank of Pakistan

PLACEMENT OF YEARLY FINANCIAL STATEMENTS ON BANK'S WEBSITE.

Export-Import Bank of Pakistan's audited Financial Statements for the **year ended 31[st] of December, 2025**, are now placed on EXIM Bank's website and can be accessed through the link:

https://eximbank.gov.pk/financials/

For queries: Export-Import Bank of Pakistan(Pak EXIM), Office No. 510-512, 5[th] Floor, Evacuee Trust Complex, Agha Khan Road, F-5/1, Islamabad, Pakistan. Phone: +92-(0)51-917-0100.

Contributing Towards a Positive Trade Balance.

مثبت تجارتي توازن، مضبوط پاڪستان.

PID(I)7890/25

روزاني عبرت

مختيار اڻڙ
اڄوڪو ڏينهن- 28 مارچ
صفحو 4

ڇا آمريڪا جنگ جي ڏٻڻ مان نڪري سگهندو؟
راجا زاهد اختر خانزاد
صفحو 4

مير قائم خان ٽالپر
اخلاقيات جي عروج تي انسانيت جو رت وهائيندڙ انسان!
صفحو 4

جنگ سبب عالمي معيشت لاءِ وڌندڙ خطرا
صفحو 4

ايڊيٽوريل

نئون ڪوٽ سب ڊويزن ۾ ڪٽي جي پوکائي شروع ٿيڻ شرط ٿي منڊ جي واٽرن جي نيلامي

ايس ڊي او آبپاشي پاران في واٽر ڪورس تي ڏيڍ لک روپيه ڊيسمل رعايت مقرر ڪرڻ جا اطلاع

ڏڙيلو شاخ جي ٽن واٽرن کي به ۾ رعايتون ڏيڻ جو پڻ انڪشاف، پڇڙين ۾ پاڻي بحران جو خدشو

جنهن به منڊ جي آبادگار کي رعايت گهرجي اهو مون سان روبرو ملاقات ڪري: ايس ڊي او آبپاشي

ٽنڊو باگو(ن ع) نئون ڪوٽ سب ڊويزن ۾ ڪٽي جي پوکائي شروع ٿيڻ شرط ٿي منڊ جي واٽرن تي بولي لڳي وئي ايس ڊي او آبپاشي پاران في واٽر ڪورس تي ڏيڍ لک روپيه ڊيسمل رعايت مقرر ڪرڻ جا اطلاع پڇڙين ۾ پاڻي بحران جو خدشوجنهن به منڊ جي آبادگار کي رعايت گهرجي اهو مون سان روبرو ملاقات ڪري آبپاشي ايس ڊي او جا آبادگارن کي نياپا. ڏڙيلو شاخ جي ٽن واٽرن کي به ۾ رعايتون ڏيڻ جو پڻ انڪشاف خبرموجب ملڙاڻو ڪئنال جي پڇڙ واري سب ڊويزن نئون ڪوٽ ۾ هڪ دفعو ٻيهر پاڻي جو نظام ڪرپشن جي ور چڙهڻ شروع ٿي ويو آهي ان حوالي سان ذريعن کان مليل ڄاڻ مطابق نئون ڪوٽ سب ڊويزن ۾ ڪٽي جي پوکائي وارو عمل شروع ٿيڻ شرط ٿي آبپاشي ايس ڊي او عملي کي ڪنداڻتو ڪري پاڻ اوڳاڙي ڪرڻ لاءِ سندرو ٻڌي ميدان تي لهي پيو آهي ذريعن موجب مختلف شاخن جي منڊ جي واٽر ڪورس تي في موگهي تي ڏيڍ کان ٻه لک روپيه هڪ ڊيسيمل رعايت جو ريٽ مقرر ڪري ڇڏيو آهي جڏهن ته اهو پڻ معلوم ٿيو آهي ته آبپاشي ايس ڊي او حڪم جاري ڪندي آبادگارن کي پاڻ وٽ گهرائڻ ۽ رعايتون ڏيڻ لاءِ بيلدارن معرفت منڊ جي آبادگارن کي نياپا موڪلڻ وارو عمل پڻ تيز ڪري ڇڏيو آهي ٻئي طرف ذريعن کان معلوم ٿيو آهي ته آبپاشي ايس ڊي او ڏڙيلو شاخ جي ٽن واٽر ڪورسن کي ٽوڙائي ڪين لڳڻ ريهن جي رشوت عيوض ٻي ۾ رعايتون ڏيئي موگهن کي ري ڊيزائن ڪري ڇڏيو آهي جنهن سبب ڄاڻايل شاخن جي پڇڙين ۾ هڪ دفعو ٻيهر پاڻي جي بحران جو خدشو پيدا ٿي ويو آهي ان حوالي سان مقامي آبادگارن صوفي امين چانڊيو کيمچند ڀيل ۽ ٻين ٻڌايو ته هڪ فصلن جا ريٽ ناهن ٻيو روي آبپاشي ايس ڊي او حصي جو پاڻي سرعام وڏي رشوت عيوض منڊ ۾ وڪرو ڪري ظلم ڪري رهيو آهي هنن ڊائريڪٽر نارا ڪئنال ۽ ايم ڊي منصور ميمڻ کان مطالبو ڪندي گهر ڪئي ته ٽنل واٽرن کي بند ڪرائي نااهل ايس ڊي او کي هٽائي ٻيلاڻ ٿيڻ کان بچايو وڃي

ملڪ جي مختلف درياهن، بيراجن ۽ ڊيمز ۾ پاڻي جا انگ اکر جاري، صورتحال مستحڪم ٿيڻ لڳي

اسڪردو ۾ گرمي پد 15.6 ڊگري سينٽي گريڊ ٿيڻ بعد برف ڳرڻ جو عمل شروع ٿيڻ جا امڪان پيدا ٿي ويا

ڪابل درياهه ۾ پاڻي جو وهڪرو 11 هزار 700 ڪيوسڪ رڪارڊ، تربيلا ڊيم ۾ پاڻي جي سطح 1450.01 فٽ رڪارڊ

منگلا ڊيم ۾ پاڻي جي سطح 1137.05 فٽ ۽ ذخيرو 17 هزار 62 ايڪڙ فٽ هجڻ بعد صورتحال اطمينان بخش قرار

سکر(بيورو رپورٽ) ملڪ جي مختلف درياهن بيراجن ۽ ڊيمز ۾ پاڻي جي تازي انگن اکرن موجب مجموعي صورتحال هن وقت مستحڪم ڏسڻ ۾ اچي رهي آهي، جڏهن ته سنڌ جي هيٺين علائقن طرف پاڻي جي وهڪري کي ڪنٽرول هيٺ رکيو ويو آهي سکر بيراج ڪنٽرول روم مان جاري ٿيل انگ اکرن موجب اسڪردو ۾ گرمي پد 15.6 ڊگري سينٽي گريڊ جڏهن ته گهٽ ۾ گهٽ 7.8 ڊگري رڪارڊ ڪئي وئي آهي جنهن سبب برف ڳرڻ جو عمل شروع ٿيڻ جا امڪان آهن ۽ ايندڙ ڏينهن ۾ درياهن ۾ پاڻي جي مقدار ۾ واڌ ٿي سگهي ٿي ڪابل درياهه ۾ پاڻي جو وهڪرو 11 هزار 700 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آهي جيڪو نارمل سطح تي آهي تربيلا ڊيم ۾ پاڻي جي سطح 1450.01 فٽ رڪارڊ ڪئي وئي آهي جڏهن پاڻي جو ذخيرو 16 هزار400 ايڪڙ فٽ آهي جڏهن ته منگلا ڊيم ۾ پاڻي جي سطح 1137.05 فٽ ۽ ذخيرو 17 هزار 62 ايڪڙ فٽ آهي جيڪو اطمينان بخش قرار ڏنو پيو وڃي سنڌو درياهه جي مختلف بيراجن تي به پاڻي جي صورتحال ڪنٽرول ۾ آهي ڪالا باغ وٽ 24 هزار 922 ڪيوسڪ پاڻي جي آمد ۽ 18 هزار 922 ڪيوسڪ اخراج رڪارڊ ٿيو آهي چشمه بيراج تي پاڻي جي سطح 643.6 فٽ آهي جتي ڪجهه واهن کي بند رکيو ويو آهي تونسا بيراج وٽ 26 هزار 94 ڪيوسڪ پاڻي جي آمد ۽ 25 هزار 594 ڪيوسڪ اخراج نوٽ ڪيو ويو آهي جڏهن ته مختلف لنڪ ڪئنالن کي بند رکيو ويو آهي سنڌو درياهه جي هيٺ گڊو بيراج وٽ 43 هزار 796 ڪيوسڪ پاڻي جي آمد ۽ 39 هزار 461 ڪيوسڪ اخراج رڪارڊ ٿيو آهي جڏهن ته سکر بيراج وٽ 37 هزار 45 ڪيوسڪ پاڻي جي آمد ۽ رڳو 11 هزار 695 ڪيوسڪ اخراج ڪيو پيو وڃي جنهن مان ظاهر ٿئي ٿو ته پاڻي کي زراعت ۽ ٻين ضرورتن لاءِ ڪنٽرول هيٺ رکيو ويو آهي اهڙي ريت ڪوٽڙي بيراج وٽ پاڻي جي آمد 6 هزار 215 ڪيوسڪ آهي جڏهن ته اخراج تقريبن بند آهي ماهرن موجب موجوده صورتحال نارمل آهي پر جيڪڏهن گرمي پد ۾ واڌ جاري رهي ته ايندڙ ڏينهن ۾ پاڻي جي سطح ۾ اضافو ٿيڻ جا امڪان آهن. تنهن ڪري لاڳاپيل ادارن کي الرٽ رهڻ جي هدايت ڪئي وئي آهي.

ميرپورخاص جي ڳوٺ عيسيٰ موري جي رهواسي جو ماتلي ۾ احتجاج

ڏيارام پنهنجي ڌيءَ کي اغوا ڪري زبردستي شادي ڪرڻ خلاف احتجاج ڪيو

ڌيءَ پرمي کي پريم ڪولهي اغوا ڪري ساڻس زبردستي شادي ڪئي آهي: ڏيارام

ماتلي(ن ع) ميرپور خاص ضلعي جي ڳوٺ عيسيٰ موري جي رهواسي ڏيارام پنهنجي ڌيءَ پرمي کي مبينا طور تي اغوا ڪري زبردستي شادي ڪرڻ واري واقعي خلاف احتجاج ڪندي ماتلي پريس ڪلب پهچي ويو صحافين آڏو دانهيندي ڏيارام چيو ته سندس 14 ورهين جي ڌيءَ پرمي کي پريم ڪولهي ڏاڍا ٿيڻان ڪري سندس دماغ قبضي ۾ ڪرڻ ڪانپوءِ اغوا ڪري ساڻس زبردستي شادي ڪئي آهي هن چيو ته پنڊت بغير تصديق جي منهنجي ننڍي عمر جي ڌيءَ جي شادي ڪرائي قانوني ڏوهه ڪيو آهي سندس خلاف به ڪاروائي ٿيڻ گهرجي ڏيارام ٻڌايو ته هو هر جاءِ تي دانهين چڪو آهي پر اڃان تائين ساڻس انصاف نه ٿيو آهي هن ڌيءَ جي بازيابي ۽ جوابدارن خلاف ڪاروائي جي گهر ڪئي آهي

ملي ۾ پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي سڏ تي مظاهرو

ڪوٽڙي جي صحافين ڌمڪيون ڏيڻ ۽ گهرن تي حملي خلاف مظاهرو ڪيو ويو

ڪنهن ڏاڍ ۽ جبر سان صحافين جو آواز دٻائي نٿو سگهجي: نندلال لوهاڻو

ملي (ن-ر) پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي سڏ تي ڪوٽڙي جي صحافين ڏٿي بخش ٻاريجو اسماعيل ٻاريجو ۽ ڏٿي بخش ٻاريجو کي ڌمڪيون ڏيڻ ۽ گهرن تي حملي خلاف ٿر جي صحافين ۽ سول سوسائٽي جي اڳواڻن ملي پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري بک هڙتال ڪئي صحافين ۽ سماجي اڳواڻن ماما وشن ٿري، ڪاڻاٿو جاني، نندلال لوهاڻو جي آر جوڻيجو نظام سمون عرفان جوڻيجو ٽانڪ رام ميگهواڙ ۽ ٻين احتجاج ڪندي چيو آهي ته ڪوٽڙي جي صحافين ڏٿي بخش ٻاريجو عظيم ٻاريجو ۽ اسماعيل ٻاريجو جي گهر تي حملي ۽ ڌمڪيون ڏيڻ جي مذمت ڪريون ٿا هنن چيو ته ڪنهن ڏاڍ ۽ جبر سان صحافين جو آواز دٻائي نٿو سگهجي صحافي معاشري جو آواز هوندا آهن جيڪي عام ماڻهن جي حقن جو آواز بلند ڪندا آهن بااثرن پاران صحافين سان اهڙو رويو رکڻ جو ادارا سختي سان نوٽيس وٺن ۽ ملوث ماڻهو پليز ڪيفرا به بااثر هجن پر انهن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻي صحافين کي تحفظ ڏنو وڃي ٻي صورت ۾ سموري سنڌ جا صحافي سراپا احتجاج بڻجي ويندا

ملي: پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي سڏ تي مظاهرو

سيوهڻ ۾ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي سڏ تي مظاهرو

ڪوٽڙي جي صحافي ڀائرن کي ڌمڪيون ملڻ خلاف مظاهرو ڪيو ويو

صحافين جي گهرن تي حملو ڪري حراسان ڪرڻ افسوسناڪ عمل آهي: مظاهرين

سيوهڻ (ن ع) نيشنل پريس ڪلب سيوهڻ جي صحافين پاران حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي سڏ تي ڪوٽڙي جي صحافي ڀائرن کي ڌمڪيون ملڻ خلاف پريس ڪلب جي صدر ذوالفقار سولنگي ۽ جنرل سيڪريٽري حسين بخش ڏاهري جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري پريس ڪلب آڏو بک هڙتال ڪئي وئي، قلم ڏٿين ڪوٽڙي جي سينيئر صحافي ڀائرن اسماعيل ٻاريجو ڏٿي بخش ٻاريجو ۽ عظيم ٻاريجو کي بااثر ماڻهن پاران موتمار ڌمڪيون ملڻ جي مذمت ڪندي ڪين تحفظ ڏيڻ لاءِ نعريبازي ڪئي، احتجاج ۾ سينيئر صحافين نصرالله انصاري، اشرف عطاء عارف ميمڻ علي بخش سولنگي احمد علي سولنگي، حسين جتوئي، اعجاز سولنگي اياز پٽي، اختر سولنگي، دانش سولنگي مير حمزا سمون، اسد الله ميمڻ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته ڪوٽڙي ۾ ڀيل برادري ۽ ٻاريجا برادري جي ڪجهه ماڻهن وچ ۾ ٿيندڙ جهيڙي کي ڪجهه فسادي ذرين طرفان سياسي رنگ ڏئي ڪوٽڙي جي صحافي ڀائرن اسماعيل ٻاريجو ڏٿي بخش ٻاريجو ۽ عظيم ٻاريجو کي نشانو بڻائڻ سندن گهرن تي حملو ڪري حراسان ڪرڻ افسوسناڪ عمل آهي. فيڪٽ اينڊ فائنڊنگ ڪميٽي طرفان ڪيل جاچ ۾ ڀيل برادري سان ٿيل جهيڙي ۾ ناانصافي ثابت ٿي آهي جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي ڀيل برادري سان ٿيل جهيڙي ۾ ملوث جوابدارن کي فوري طور گرفتار ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آڻڻ جو مطالبو ڪجي ٿو جڏهن ته هنن سڄي معاملي کي صحافي ڀائرن جي ڳچي ۾ وجهڻ جي ڪنهن به ڪوشش جي مزاحمت ڪئي ويندي، صحافي اڳواڻن سوشل ميڊيا تي وڊيو بيان ذريعي ٻاريجا صحافي ڀائرن کي قتل ڪرڻ جا امڪان ظاهر ڪرڻ کي انتهائي خطرناڪ ۽ ڳڻتي جوڳو عمل قرار ڏيندي ٽنهي صحافي ڀائرن جي تحفظ ۽ ملوث جوابدارن خلاف جلد قانوني ڪارروائي ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي

سيوهڻ: حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي سڏ تي مظاهرو

گڏيجي پرسان ڌوهارين سان مزاحمت دوران زخمي ٿيل پورهيت اسپتال داخل

رياض سولنگي کي رت جون الٽيون اچڻ سبب ڊاڪٽرن پيٽ جو آپريشن ڪيو

رياض سولنگي جي صحت خراب آهي، ڌوهاري ڌمڪيون ڏئي رهيا آهن: وارث

گڏيجي(ن ع) گڏيجي جي پرسان ڳوٺ ملهيرڻي سولنگي ۾ موٽر سائيڪل ٽيڪسي هلائيندڙ پورهيت رياض سولنگي جي گهر ۾ داخل ٿيڻ تي ڌوهارين سان مزاحمت ڪرڻ تي ڪيس کي وحشياڻو تشدد ڪيو ويو جي سندس جي پاءِ فياض حسين،محمد عالم ۽ ٻين چيو آهي ته پاءِ رياض سولنگي جي صحت خراب آهي سيوديرو پوليس ڌوهارين کي اڃان تائين گرفتار نه ڪيو آهي ڌوهاري ڌمڪيون ڏئي

ملڪي درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري

اسلام آباد (اي پي پي) واپڊا ملڪ جي مختلف درياهن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا آهن گذريل ڏينهن جاري تفصيلن مطابق سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جي آمد 16 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 20 هزار ڪيوسڪ، ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جي آمد 10 هزار 600 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 10 هزار 600 ڪيوسڪ آهي. خير آباد پل تي پاڻي جي آمد 16 هزار ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 16 هزار ڪيوسڪ، جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جي آمد 17 هزار 100 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 22 هزار ڪيوسڪ آهي جڏهن ته چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جي آمد 12 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ ڇوڙ 6 هزار 200 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو آبي ذخيرن جي انگن اکرن مطابق ڊيمز ۾ تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1450.01 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 1.011 ملين ايڪڙ فٽ، منگلا ۾ گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فٽ، پاڻي جي موجوده سطح 1137.05 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فٽ ۽ استعمال جوڳو پاڻي جو ذخيرو 1.237 ملين ايڪڙ فٽ جڏهن ته چشمه بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فٽ، پاڻي جي موجوده سطح 643.60 فٽ، پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فٽ ۽ استعمال جوڳو پاڻي جو ذخيرو 0.102 ملين ايڪڙ فٽ رڪارڊ ڪيو ويو.

ڀارت: بس ۽ ٽرڪ ۾ ٽڪر سبب 10 ڄڻا فوت، 30 زخمي

نئين دهلي (اي پي پي) ڀارتي رياست مڌيه پرديش ۾ بس ۽ ٽرڪ وچ ۾ ٽڪر جي نتيجي ۾ 10 ڄڻا فوت ۽ 30 کان وڌيڪ زخمي ٿي پيا پڙهيهي ميڊيا پوليس جي حوالي سان ٻڌايو ته اهو حادثو گذريل رات چندواڙه ضلعي ۾ پيش آيو حادثي وقت

مانجهند ۾ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽ جي سڏ تي مظاهرو

ڪوٽڙي جي صحافي ڀائرن کي موتمار ڌمڪيون ملڻ مظاهرو ڪيو ويو

صحافين کي سچ لکڻ تي بنا جواز موتمار ڌمڪيون ڏنيون پيون وڃن: مظاهرين

مانجهند(ن ع) مانجهند ۾ حيدرآباد يونين آف جرنلسٽ جي سڏ تي ڪوٽڙي جي صحافي ڀائرن اسماعيل ٻاريجو ڏٿي بخش ٻاريجو عظيم ٻاريجو کي موتمار ڌمڪيون ملڻ ۽ مهر جوٽي خلاف شاهي بازار مان ريلي ڪڍي مين چوڪ تي ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي صحافين يوسف صراڻي گلزار ملاح محرم خاصخيلي سهيل ڀٽي سني پنڊ ايس ٽي پي جي مرڪزي اڳواڻ گوتم چنا ميڊيا ساز ڳالهائيندي چيو ته ڪوٽڙي جي صحافين کي سچ لکڻ تي بنا جواز موتمار ۽ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرڻ جون ڌمڪيون ملي رهيون آهن جڏهن ته سندن خلاف مهر جوٽي ڪئي پئي وڃي جنهن جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪجي ٿي

مانجهند: ڪوٽڙي جي صحافي ڀائرن کي موتمار ڌمڪيون ملڻ مظاهرو ڪيو ويو

ڪڪڙ ۾ خيرپورناٿن شاهه واسڻ عورت جو احتجاج

مڙس مٽان مبينا تشدد، گهر تي قبضو ۽ سامان چوري ڪرڻ جا سنگين الزام

اولاد سميت دربدر واري زندگي گذارڻ تي مجبور بڻجي وئي آهيان: ڪرن چانڊيو

ڪڪڙ (ن ع) ڪڪڙ ۾ خيرپورناٿن شاهه واسڻ عورت پاران پنهنجي مڙس مٽان مبينا تشدد، گهر تي قبضو ۽ سامان چوري ڪرڻ جا سنگين الزام هڻي انصاف جي گهر ڪئي آهي ڏاڍ مڙس رحيم گهريلو تڪرار سنگين صورتحال اختيار ڪري ويو ان موقعي تي ڪي اين شاهه جي فتح پور پاڙي جي رهواسڻ حوا ڄاڻي مسمات ڪرن چانڊيو پنهنجي ستين ڪلاس جي شاگرد پٽ شعبان چانڊيو سان گڏ پريس ڪلب ڪڪڙ پهچي مڙس ۽ سندس ساٿين جي زيادتين خلاف احتجاج ڪندي متاثره عورت ميڊيا سان ڳالهائيندي الزام لڳايو آهي ته سندس مڙس قربان چانڊيو مبينا غير واسطيدارن ساٿين حميد پنهور جاويد پنهور ۽ ٻين سان گڏجي گهر اندر داخل ٿي مٿس سخت تشدد ڪري گهر مان زبردستي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو آهي ۽ گهر تي قبضو ڪري هٿيار بند ويهاري ڇڏيا آهن هن چيو ته دل جي مريض آهيان هن کان اڳ علاج لاءِ ڪراچي ويل هئس ته پٺيان جوابدارن گهر جا تالا ٽوڙي گهر اندر موجود لڳ ڀڳ 3 تولا سون ۽ ٻيو قيمتي سامان کڻي ويا هيا. عورت وڌيڪ ٻڌايو ته هن 25 سال اڳ قربان چانڊيو سان شادي ڪئي هئي جنهن مان کيس ٻه پٽ شعبان ۽ صدام چانڊيو آهن هن اهيو به چيو ته هوءَ ڪراچي جي سول اسپتال ۾ خانگي طور تي ملازمت ڪندي رهي آهي ۽ ٽي سال اڳ پنهنجي محنت ۽ پورهئي جي ڪمائي مان ڪي اين شاهه جي فتح پور پاڙي ۾ پلاٽ خريد ڪري گهر تعمير ڪرايو جتي هوءَ پنهنجي مڙس سان گڏ رهندي هئي ان دوران مسمات ڪرن چانڊيو جو چوڻ هو ته مڙس هاڻي مبينا طور لالچ ۾ اچي گهر تي قبضو ڪري ورتو آهي هاڻ سون کي ۽ اولاد کي گهر اچڻ نٿو ڏئي جڏهن ته هراسان ڪري اسان کي ڌمڪيون ڏئي رهيو آهي مان هاڻي اولاد سميت دربدر واري زندگي گذارڻ تي مجبور بڻجي وئي آهيان هن چيو ته رپورٽ داخل ڪرائڻ ۽ واقعي بابت ايس ايڇ او کي اين شاهه ۽ ايس ايس پي دادو کي اطلاع ڏيڻ باوجود پوليس جوابدارن خلاف ڪارروائي ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ناهي جن مان اسان کي جان جو به خطرو آهي متاثره عورت اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪيو آهي ته جوابدارن خلاف فوري قانوني ڪارروائي ڪري گهر تي ٿيل قبضو ختم ڪرائي ڪيس ۽ سندس ٻچن کي تحفظ ڏئي انصاف فراهم ڪيو وڃي

ڪڪڙ:مڙس مٽان مبينا تشدد گهر تي قبضو ۽ سامان چوري ڪرڻ جا سنگين الزام

هاءِ ڪورٽ بار ايسو سيئشن جي چونڊ ملتوي ٿيڻ جي مذمت

چونڊون ملتوي ڪرائڻ جو ڪوبه قانوني اخلاقي جواز ڪونهي: ايڊووڪيٽ رفيق احمد ابڙو

واڳ ڌڻي پنهنجي نوازي ۽ قانون جي حڪمراني کي پوئتي ڌڪڻ لاءِ پنهنجا مهرا آڻڻ چاهين ٿا

شهدادڪوٽ(ن ر) هاءِ ڪورٽ بار ايسو سيئشن لاڙڪاڻي جي ٿيندڙ چونڊن ۾ صدارتي سيٽ جو اميدوار ۽ نالي واري قانوندان ايڊووڪيٽ رفيق احمد ابڙو 28 مارچ تي رٿيل هاءِ ڪورٽ بار ايسوسيئشن لاڙڪاڻي سميت ڪجهه ٻين ضلعن ۾ به چونڊون ملتوي ڪرڻ واري عمل جي سخت لفظن ۾ مذمت ڪندي چيو ته هاءِ ڪورٽ بار جون چونڊون ملتوي ڪرائڻ جو ڪوبه قانوني اخلاقي جواز ڪونهي، بار بار چونڊون ملتوي ڪرائڻ جو هڪ ئي مقصد آهي ته واڳ ڌڻي پنهنجي نوازي ۽ قانون جي حڪمراني کي پوئتي ڌڪڻ لاءِ پنهنجا مهرا آڻڻ چاهين ٿا پر انهن کي ٻڌائڻ ٿو چاهيان ٿو هينئر ايئن ٿيڻ ناممڪن آهن وڪيلن ۾ شعور آهي اسين قانون جي حڪمراني ۽ آزاد عدليه چاهيون ٿا ان جي اڳيان هٿ ٺوڪيا قانون آڻي انهن کي برغمال بڻائي انهن کي مفلوج ڪرڻ ڏيندا سين حڪمرانن کي خبر آهي ته بار جي چونڊن ۾ سندن ڪڏن ڪرتوتن ۽ غير قانوني عملن کي وائکو ڪرڻ وارا صاف ۽ شفاف ماڻهو چونڊجي ايندا تنهنڪري اهي چونڊن واري جمهوري عمل جي اڳيان بار بار رڪاوٽون وجهن ٿا هنن چيو ته هو صدارتي سيٽ تي اميدوار آهي لاڙڪاڻي ڊويزن جي پنهنجن ضلعن اندر ڪامياب چونڊ مهم هلائي رهيو هو وڪيلن جو هڪ وڏو انگ سندس حمايتي آهي تنهنڪري سندس يقيني ڪاميابي ڏسي واڳ ڌڻي وائڙا ٿي چونڊ ملتوي ڪرائي ڇڏي آهي پر اهي حربا اسان جي مقصدن اڳيان ديوار نه ٿا بڻجي سگهن

شهدادڪوٽ: هاءِ ڪورٽ بار ايسو سيئشن جي چونڊ ملتوي ٿيڻ جي مذمت

دگهڙي تعلقه اسپتال جي ايم ايس سان مبينا بدتميزي خلاف مظاهرو

ڊاڪٽرن، ليڊي ڊاڪٽرن توڙي پيرا ميڊيڪل اسٽاف پاران مظاهرو ڪيو ويو

احتجاج طور ٻه ڪلاڪ تائين او پي ڊي جو مڪمل بائيڪاٽ، مريض سخت پريشان

دگهڙي(ن ع) تعلقه اسپتال دگهڙي ۾ ميڊيڪل آفيسر ڊاڪٽر محمد علي سان مبينا بدتميزي خلاف پاڪستان ميڊيڪل ايسوسيئشن (پي ايم اي) ۽ اسپتال جي ڊاڪٽرن ليڊي ڊاڪٽرن توڙي پيرا ميڊيڪل اسٽاف پاران ڀرپور احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو، احتجاج طور ٻه ڪلاڪ تائين او پي ڊي جو مڪمل بائيڪاٽ پڻ ڪيو ويو جنهن سبب مريضن کي سخت تڪليفن کي منهن ڏيڻو پيو.مظاهري کي خطاب ڪندي سول اسپتال دگهڙي جي ميڊيڪل سپرنٽنڊنٽ ڊاڪٽر الياس جت، پي ايم اي دگهڙي جي صدر ڊاڪٽر عبدالرؤف پرڳڙي، معروف آئي سرجن ڊاڪٽر محي الدين خان قائمخاني ۽ متاثر ڊاڪٽر محمد علي سميت ٻين مقررن چيو ته ڊاڪٽرن کي فوري تحفظ فراهم ڪيو وڃي ڇاڪاڻ ته اهڙا واقعا روز بروز وڌي رهيا آهن جن ۾ ڊاڪٽرن جي تذليل ڪئي وڃي ٿي.ڊاڪٽرن موجب واقعو ان وقت پيش آيو جڏهن ڊيوٽي دوران هڪ مريض سان گڏ آيل اٽينڊنٽ ڊاڪٽر محمد علي سان انتهائي نامناسب رويو اختيار ڪيو.مظاهرين خبردار ڪيو ته جيڪڏهن ڊاڪٽرن کي تحفظ فراهم نه ڪيو ويو ته دگهڙي ۾ به ملڪ جهڙا افسوسناڪ واقعا پيش اچي سگهن ٿا. مظاهرين چيو ته واقعي خلاف لاڳاپيل ٿاڻي ۽ ايس ايس پي ميرپور خاص کي درخواست ڏني پئي وڃي، جڏهن ته مطالبو ڪيو ويو آهي ته واقعي ۾ ملوث ماڻهن کي فوري گرفتار ڪري ڪين قانون موجب سزا ڏني وڃي.

اسان جا پيارا آزاد ڪريو: مورو ۾ معصوم ٻارڙا پنهنجي وارثن لاءِ سراپا احتجاج بڻيل

مورو سانحي جي بيگناهه قيدين جي آزادي لاءِ معصوم ٻارن هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي احتجاج ڪيو

اسان جا پيارا ڏهن مهينن کان ڊسٽرڪٽ جيل نوشهروفيروز ۾ قيد ڪيا ويا آهن، انهن جي ملاقاتن تي به بندش آهي: وارث

ڪيس به ٽٽا هلائين ضمانتون به ڪرڻ نٿيون ڏنيون وڃن، درياءَ ۽ زمينن جي مالڪي جي جدوجهد تان اسان سان ظلم ڪيو پيو وڃي

مورو معصوم ٻارڙا پنهنجي وارثن لاءِ سراپا احتجاج بڻيل

مورو(ن ع) مورو سانحي جي بيگناهه قيد ڪيل قيدين جي آزادي لاءِ 13ڏينهن به وارثن ٻارڙن نياڻين شاگردن شاگردياڻين والدين شهرين سياسي سماجي علمي ادبي تنظيمن جي اڳواڻن ڪارڪنن پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو ان موقعي تي ايڊووڪيٽ ايڊووڪيٽ اسرار احمد پٽي ايڊووڪيٽ نصير احمد ڪوڪر علي دوست رند نواز علي ڪلهوڙو وسيم سجاد لغاري محسن علي رستماڻي ۽ ٻين چيو ته جيستائين اسان جا بيگناهه قيدي آزاد نه ٿيندا اسان جو احتجاج جاري رهندو هنن چيو ته ڳوٺ لغاري ٻجراڻي ۽ شهر مورو جي پورهيتن مزدورن هارين ٻي سهارا ماڻهن استادن شاگردن دڪاندارن کي پوليس 60 ماڻهن کي ڪنهي ڪلي دهشتگردي جا ڪوڙا ڪيس داخل ڪري ڏهن مهينن کان ڊسٽرڪٽ جيل نوشهروفيروز ۾ قيد ڪيا ويا انهن جي ملاقاتن تي به بندش آهي ڪيس به ٽٽا هلائين ضمانتون به ڪرڻ نٿيون ڏنيون وڃن درياءَ ۽ زمينن جي مالڪي جي جدوجهد ڪرڻ تان ٻن نوجوانن کي روڊن تي گوليون هڻي شهيد ڪيو ويو ٻن نوجوانن کي معذور ڪري 60 بيگناهه ماڻهن کي گهرن دڪانن مان ڪنهي جيلن ۾ واڙيو ويو حڪمرانن جي چوڻ تي پوليس جبر ڏاڍ ظلم ڪيو اڃان تائين انهن جو ڀيٽ ناهي پريو بيگناهه ماڻهن کي مقوي جي صورت م جيل بند ڪيو ويو آهي هنن چيو ته اسان جو احتجاج انصاف تائين جاري رهندو

مرڪز ولايت علي پاڪستان سنڌ ضلعي حيدرآباد پاران جنت البقيع جي بحالي لاءِ ريلي

سيد زڪي رضوي جي اڳواڻي ۾ جنت البقيع جي بحالي لاءِ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي، نعريبازي

جنت البقيع دنيا جي مسلمانن لاءِ تمام گهڻي مقدس ۽ احترام لائق مقام آهي: سيد زڪي رضوي

اٺ شوال تي هرسال دنيا جا مسلمان جنت البقيع جي مسماري خلاف ۽ بحالي لاءِ احتجاج ڪندا آهن

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) مرڪز ولايت علي پاڪستان سنڌ ضلعي حيدرآباد پاران جنت البقيع جي بحالي لاءِ ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون سيد زڪي رضوي، عورت اڳواڻ امبر نقوي،رسول بخش لغاري،نبي بخش لغاري ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي ريلي ڪڍي وئي انهي موقعي تي هنن چيو ته جنت البقيع دنيا جي مسلمانن لاءِ تمام گهڻي مقدس ۽ احترام لائق مقام آهي جنهن سان مسلمان مذهبي ۽ جذباتي تعلق رکن ٿا. جتي عظيم هستيون سيده ڪائنات بي بي حضرت فاطمه الزهراءِ سلام الله عليها،حضرت امام حسن مجتبي سلام الله عليها ۽ ٻين آل رسول جون قبر مبارڪون آهن جنهن کي سعودي سرڪار مسمار ڪري ڪروڙين مسلمانن جي دل آزاري ڪئي. هنن چيو ته 8 شوال تي هرسال دنيا جا مسلمان جنت البقيع جي مسماري خلاف ۽ بحالي لاءِ احتجاج ڪندا آهن هنن مطالبو ڪيو ته جنت البقيع کي جلد بحال ڪيو وڃي.

حيدرآباد پوليس ڪاشف ٻاغي جا قاتل گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام، ايس ايس پي آفيس سامهون ڌرڻو

ٽيم ذوالفقار علي پٽو جونيئر ضلعي حيدرآباد پاران احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو، ڇتي نعريبازي

حيدرآباد پوليس ڪاشف ٻاغي جو هٿ وٺي ڪيس لوڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي: ڊويزنل آرگنائيزر

ڪيس ۾ قاتل نامزد ٿيل آهن پر پوليس سازش تحت جوابدارن گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي، اسان کي انصاف کپي

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) حيدرآباد پوليس 15 ڏينهن گذرڻ باوجود ٽيم جونيئر ذوالفقار علي پٽو جي اڳواڻ ڪاشف ٻاغي جا قاتل گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام،ايس ايس پي آفيس سامهون ڌرڻو،قاتل گرفتار ڪرڻ جي گهر. ٽيم ذوالفقار علي پٽو جونيئر ضلعي حيدرآباد پاران ڪاشف ٻاغي جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ ۽ پوليس پاران مبينا طور ڪيس لوڙهڻ جي ڪوشش خلاف ايس ايس پي حيدرآباد جي آفيس سامهون ڊويزنل آرگنائيزر اڪبر جهيجهو،عبدالمجيد قريشي،سرفراز شاهاڻي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو جڏهن ڌرڻي ۾ جيئي سنڌ تحريڪ جي امتياز ميراڻي،جسقم شهيد بشير قريشي جي چيف آرگنائيزر ڊاڪٽر نياز ڪالاڻي جيئي سنڌ محاذ جي محراب ڪوسو يڪجهتي طور شرڪت ڪئي .ان موقعي تي اڳواڻن چيو ته حيدرآباد پوليس ڪاشف ٻاغي جو هٿ وٺي ڪيس لوڙهڻ جي ڪوشش ڪري رهي آهي. قتل واقعي کي 15ڏينهن گذري ويا آهن پر پوليس قاتل گرفتار ڪرڻ ۾ ناڪام آهي. هنن چيو ته ڪيس ۾ قاتل نامزد ٿيل آهن پر پوليس سازش تحت جوابدارن گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار نه آهي. هنن چيو ته اسان ڪاشف ٻاغي جون خون ڪنهن صورت لوڙهڻ نه ڏينداسين هن چتاءُ ڏيندي گهر ڪئي ته ڪاشف ٻاغي جا قاتل جلد گرفتار نه ٿيا ته سموري سنڌ سوڌو حيدرآباد واڌو ٻاهه قومي شاهراهه تي احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هڻنداسين جيڪو جوابدارن جي گرفتاري تائين جاري رهندو

جيئندل ڪوٽ فيبر تي رهڻ جو جواز ڄاڻائي بجلي 6 ڏينهن کان بند

ڇهن ڏينهن کان مڪمل طور بند هجڻ سبب علائقي ۾ سخت بحران پيدا ٿي ويو

بجلي بند ٿيڻ ڪري شهر مڪمل اونداهي ۾ ٻڏي ويو، چورين ۽ ڌوهاري وارداتن ۾ اضافو

مسوبرڳوٺي (ن ع) مسوبرڳوٺي جي جيئندل ڪوٽ فيبر تي رهڻ جو جواز ڄاڻائي مسوبرڳوٺي شهر سميت لڳ ڀڳ هڪ درجن ڳوٺن جي بجلي گذريل ڇهن ڏينهن کان مڪمل طور بند هجڻ سبب علائقي ۾ سخت بحران پيدا ٿي ويو آهي بجلي بند ٿيڻ ڪري شهر مڪمل اونداهي ۾ ٻڏي ويو آهي جنهن سبب چورين ۽ ڌوهاري وارداتن ۾ اضافو ٿيو آهي شهري سخت پريشان آهن جڏهن ته اونداهي سبب رولو ڪتا به شهرين لاءِ خطرو بڻجي ويا آهن ۽ ڪيترن ماڻهن کي ڏاڙهڻ جا واقعا پڻ رپورٽ ٿيا آهن ٻئي طرف پاڻي جي فراهمي به سخت متاثر ٿي آهي جمعي جي ڏينهن شهر جي مختلف مسجدن مان اعلان ڪيا ويا ته پاڻي جي ڪوٽ سبب نمازين کي گهرن مان وضو ڪري اچڻ جي هدايت ڪئي وڃي ان صورتحال خلاف قومي عوامي تحريڪ مسوبرڳوٺي پاران پريس ڪلب مسوبرڳوٺي آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو. مظاهرين واپڊا مئنياري جي عملدارن خلاف سخت نعريبازي ڪئي ۽ ڪين عوام دشمن قرار ڏنو مظاهرين مطالبو ڪيو ته تڪ جي چونڊيل نمائندن ۽ حيسڪو چيف حيدرآباد فوري نوٽيس وٺي مئنياري جي مبينا ڪرپٽ ايس ڊي او کي هٽائي بجلي جي فراهمي ترت بحال ڪن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو شهري حلقن جو چوڻ آهي ته جيڪڏهن بجلي جلد بحال نه ڪئي وئي ته صورتحال وڌيڪ سنگين ٿي سگهي ٿي

مسوبرڳوٺي:جيئندل ڪوٽ فيبر تي رهڻ جو جواز ڄاڻائي بجلي 6 ڏينهن کان بند

سکر ۾ اي سي ۽ مختيارڪار جي ڪاررائي

ڪارروائي دوران روڊن تي آزاد گهمندڙ مويشي تحويل ۾ ورتا ويا

پنهنجا مويشي ڪليل نه ڇڏيو: مالڪن کي سختي سان تنبيهه ڪئي وئي

سکر (بيورو رپورٽ) اسسٽنٽ ڪمشنر نيو سکر بشريٰ منصور ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر سکر سٽي ساره فراز جي اڳواڻي ۾ مختيارڪار سکر سٽي بابر بلو ۽ سکر ميونسپل ڪارپوريشن جي انسپيڪٽر عدنان عصلي سان گڏجي صبح سوير کير ٿر ڪينال روڊ تي ڇڏيل مال مويشن خلاف وڏي پيماني تي ڪارروائي ڪئي وئي.ڪارروائي دوران روڊن تي آزاد گهمندڙ مويشي تحويل ۾ ورتا ويا، جڏهن ته مالڪن کي سختي سان تنبيهه ڪئي وئي ته هو پنهنجا مويشي ڪليل نه ڇڏين چو ته اهڙي عمل سبب ٽريفڪ جي رواني متاثر ٿئي ٿي ۽ حادثن جو خطرو وڌي وڃي ٿو انتظاميه واضح ڪيو آهي ته شهر ۾ امن امان، صفائي ۽ ٽريفڪ جي بهتر نظام لاءِ اهڙيون ڪارروائيون جاري رهنديون ۽ ضابطن جي ڀڃڪڙي ڪندڙن خلاف سخت قدم کنيا ويندا.

سکر يونين آف جرنلسٽس جي سڏ تي احتجاجي مظاهرا

خيرپور، شڪارپور، گهوٽڪي، جيڪب آباد ۽ ٻين شهرن ۾ مظاهرا ڪيا ويا

ڪوٽڙي جي صحافين جي گهرن تي حملو ڪندڙ جوابدارن خلاف سخت نعريبازي

سکر(بيورو رپورٽ) سکر يونين آف جرنلسٽس جي سڏ تي خيرپور شڪارپور گهوٽڪي جيڪب آباد ڪنڌڪوٽ ڪراچي روهڙي، پنوعاقل سميت ننڍن وڏن شهرن ۾ صحافين پاران پريس ڪلبن آڏو احتجاجي مظاهرو ڪري بک هڙتال ڪئي وئي جڏهن ته سکر يونين آف جرنلسٽس پاران سکر پريس ڪلب آڏو بک هڙتال ڪئي وئي بک هڙتال ڪئمپ تي پاڪستان فيڊرل يونين آف جرنلسٽس جي سيڪريٽري فنانس لالا اسد پٺاڻ خصوصي طور شرڪت ڪئي بک هڙتال جي اڳواڻي سکر يونين آف جرنلسٽس جو صدر جاويد جتوئي جنرل سيڪريٽري ڪامران شيخ خازن شهزاد تابائي، سکر پريس ڪلب جو صدر خالد بانبڻ جنرل سيڪريٽري سيد احقر شاهه خازن ڪاشف ڦليوٽو ڪري رهيا هئا. بک هڙتال تي ويٺل صحافي انتظاميا ۽ ڪوٽڙي جي صحافين جي گهرن تي حملو ڪندڙ جوابدارن خلاف سخت نعريبازي ڪري رهيا هئا. بک هڙتال ڪئمپ ۾ سکر ڪئميرامين اينڊ فوٽو جرنلسٽس ايسوسيئيشن جي صدر عمران شيخ جنرل سيڪريٽري بلاول پٽي سکر يونين آف جرنلسٽس خطاب ڪندي چيو ته ڪوٽڙي ۾ ٻن برادرين جي ذاتي تڪرار بعد صحافين اسماعيل ٻاريجو ڏٿي بخش ٻاريجو ۽ عظيم ٻاريجو کي نشانو بڻائي ٽنهي صحافين جي گهرن تي حملو ڪري صحافين کي موت مار ڌمڪيون ڏنيون ويون آهن جيڪو انتهائي مذمت جوڳو عمل آهي صحافين خلاف ڪيس داخل ڪري حق سچ جو آواز دٻائڻ جي ناڪام ڪوشش ڪئي وئي آهي اسين ان عمل کي آزاد صحافت تي وار قرار ڏيون ٿا. اهڙي واقعي بعد هن وقت تائين صحافين کي نه تحفظ فراهم ڪيو ويو آهي ۽ نه ئي جوابدارن کي گرفتار ڪيو ويو آهي اڳواڻن چيو ته ڪوٽڙي ۾ پيش آيل هڪ مقامي تڪرار کي ڪجهه ماڻهن طرفان ڄاڻي واڻي صحافين خلاف استعمال ڪيو پيو وڃي جيڪو نه رڳو مذمت جوڳو عمل آهي پر صحافتي برادري لاءِ خطرناڪ عمل پڻ آهي سکر يونين آف جرنلسٽس واضح ڪيو ته صحافين کي نشانو بڻائڻ انهن جي گهرن تي حملا ڪرائڻ ۽ کين ڌمڪيون ڏيڻ ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪيو ويندو هنن مطالبو ڪيو ته ڪوٽڙي جي صحافين

ڊسٽرڪٽ بار جي اعلائيل چونڊن جي ملتوي ڪرڻ وارو نوٽيفڪيشن جلد واپس ورتو وڃي: محمد سليمان سرروري

حيدرآباد(اسٽاف رپورٽر) ڊسٽرڪٽ بار ايسوسيئشن حيدرآباد جي چونڊن ۾ نائب صدر جي اميدوار محمد سليمان سرروري ڪالهه حيدرآباد پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي مطالبو ڪيو آهي ضلعي بارڪائونسل حيدرآباد سوڌو لاڙڪاڻو ۽ سيوهڻ بار جي اعلائيل چونڊن جي ملتوي ڪرڻ وارو نوٽيفڪيشن جلد واپس وٺي جهموريت پسند هجڻ جو ثبوت ڏنو وڃي. هن چيو ته سنڌ بار ڪائونسل سنڌ جي حيدرآباد،لاڙڪاڻو ۽ سيوهڻ بار ضلعن ۾ ٿيندڙ چونڊون ملتوي ڪري غير جمهوري رويو اختيار ڪيو آهي جنهن جي اسان مذمت ڪريون ٿا. هن چيو ته جيڪڏهن چنچر ڏهاڙو ووٽن جي عمل ۾ رڪاوٽ جو سبب هو ته اليڪشن هڪ يا ٻه ڏينهن اڳتي پوئتي ڪري چونڊون مڪمل ڪرايون وڃن ها. هن چيو ته ضلعي بارجون چونڊون اڻڄاتل مدي تائين ملتوي ڪرائڻ ۾ ڪجهه ڌرين جو هٿ آهي جن پنهنجي هار ڏسي چونڊون ملتوي ڪرايون آهن. هن چيو ته بار تنظيمن ۾ سياست داخل ٿي چڪي آهي پهريان بار وڪيلن جي ڀلائي بهبود لاءِ ڪم ڪنديون هيون پر هاڻي سياست ڪئي پئي وڃي جنهن سبب وڪيلن جي اتحاد ۾ نفاق پئجي سگهي ٿو هن چيو ته بار ڪوائونسل جهموريت جون علمبردار هونديون ان ڪري سنڌ بار ڪوائونسل کي چونڊون ملتوي ڪرڻ وارو فيصلو واپس وٺڻ گهرجي

مورو ۾ شادي جي خوشي ۾ هوائي فائرنگ، گولي لڳڻ سبب نينگر فوت

مورو(ن ع) مورو شهر جي گجيرو روڊ تي شادي جي خوشيءَ ۾ ڪيل هوائي فائرنگ مان گولي لڳڻ سبب ننڍڙو نينگر فراز لغاري کي لڳڻ سبب سخت زخمي ٿي پيو جنهن کي مورو اسپتال آندو ويو جتي ڊاڪٽرن پاران طبي امداد ڏني وئي بعد ۾ وڌيڪ علاج لاءِ نوابشاهه جي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي نينگر زخمن جا سور نه سهندي فوت ٿي ويو ان موقعي تي نوابشاهه اسپتال

The largest circulated amongst regional dailies of Pakistan
ABC CERTIFIED
متحده عرب امارات ۾ قيمت 2 درهم - سعودي عرب ۾ 2 ريال
ايڊيٽر انچيف ۽ پبلشر: قاضي اسد عابد
روزاني عبرت
هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پاپولر پرنٽرز مان ڇپرائي عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان جاري ڪئي
روزانه عبرت علائقائي اخبارن ۾ باقائده تصديق ٿيل سڀ کان وڌيڪ اشاعت رکندڙ اخبار آهي
Hyd. Ph: 2728703-4, 2728571-2 Fax: 2781879, 2784300 Isld. Ph: 2823277
Khi. Ph: 4538862-3, 2639617 Fax: 4543839-2639492, Lhr. Ph: 7236191
Reach us at www.dailyibrat.com, E-mail: ibratg@yahoo.com, ibrat@hydwol.com.pk

ڇنڇر 28 مارچ 2026ع

جنگ سبب عالمي معيشت لاءِ وڌندڙ خطرا

دنيا هڪ ڀيرو ٻيهر وڏي سياسي ڇڪتاڻ جي ور چڙهي رهي آهي جتي آمريڪا ۽ اسرائيل طرفان ايران سان وڌندڙ تڪرار نه صرف علائقائي ۾ عالمي سطح تي به ڳڻتيءَ جو سبب بڻجي رهيو آهي. هن تڪرار جا اثر صرف فوجي يا سفارتي دائري تائين محدود نه رهيا آهن، پر ان جا سڌا اثر عالمي معيشت، خاص طور تي تيل جي منڊي ۽ عام ماڻهن جي زندگيءَ تي پئجي رهيا آهن جيڪڏهن صورتحال ساڳي نموني جاري رهي ته دنيا کي هڪ نئين معاشي بحران کي منهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو. الجزيره جي رپورٽ موجب، موجوده جنگي فضا ۾ سڀ کان وڏو خطرو توانائي جي شعبي سان لاڳاپيل آهي. تيل جون قيمتون اڳ ئي وڌڻ شروع ٿي چڪيون آهن ۽ امڪان ظاهر ڪيو پيو وڃي ته جيڪڏهن آمريڪا هرمز لنگهه تي ڪنٽرول حاصل ڪرڻ لاءِ فوجي قدم کڻي ٿو ته ايران طرفان سخت ردعمل ايندو، جيڪو صورتحال کي وڌيڪ سنگين بڻائي ڇڏيندو. هرمز لنگهه دنيا جي اهم ترين سامونڊي رستن مان هڪ آهي، جتان عالمي تيل جو وڏو مقدار گذري ٿو. جيڪڏهن هتي ڪا به رڪاوٽ پيدا ٿئي ٿي ته ان جا اثر سڌو سنئون عالمي منڊيءَ تي پوندا. ماهرن جو چوڻ آهي ته اهڙي صورتحال ۾ تيل جي قيمت 120 ڊالر في بيرل تائين پهچي سگهي ٿي، جيڪا عالمي معيشت لاءِ هڪ وڏو ڌڪ هوندو. تيل جي اگهن ۾ واڌ جو سڌو اثر ٽرانسپورٽ، بجلي ۽ روزمره جي استعمال وارين شين تي پوندو، جنهن سان مهانگائي جو طوفان اچي سگهي ٿو. خاص طور تي اهي ملڪ، جيڪي توانائي جي ضرورتن لاءِ ٻين ملڪن تي ڀاڙين ٿا سخت متاثر ٿيندا.

ايشيا جا ڪيترائي ملڪ جهڙوڪ فلپائن، ٿائيلينڊ ۽ آسٽريليا تيل جي وڏن ذخيرن کان محروم آهن انهن ملڪن لاءِ تيل جي قيمتن ۾ اضافو هڪ سنگين بحران کي جنم ڏئي سگهي ٿو. جيڪڏهن تيل جي فراهمي متاثر ٿئي ٿي ته پيٽرول اسٽيشنن تي کوٽ پيدا ٿي سگهي ٿي، جڏهن ته ايئر لائنز کي پنهنجون پروازون بند ڪرڻيون پونديون. اهڙي صورتحال نه صرف معاشي سرگرمين کي سست ڪري ڇڏيندي پر روزگار جا موقعا به گهٽائيندي. ٻئي طرف جاپان جهڙا ملڪ جن وٽ تيل جا ڪافي ذخيرا موجود آهن، عارضي طور تي بحران کي منهن ڏئي سگهن ٿا پر ڊگهي مدي ۾ اهي به ان اثر کان بچي نٿا سگهن. جيڪڏهن تڪرار ڊگهو ٿئي ٿو ته عالمي سپلاءِ چين متاثر ٿيندي، جنهن سان هر ملڪ کي پنهنجي توانائي پاليسين تي ٻيهر نظرثاني ڪرڻي پوندي. آمريڪا پاڻ به هن بحران کان الڳ ناهي. تيل ۽ گئس جي قيمتن ۾ واڌ سبب آمريڪي عوام تي معاشي بار وڌي رهيو آهي، جنهن سان سياسي دٻاءُ پڻ وڌي رهيو آهي. صدر ڊونلڊ ٽرمپ لاءِ به اها صورتحال هڪ وڏو امتحان بڻجي سگهي ٿي، جو ته اندروني سطح تي عوامي ناراضگي حڪومت جي پاليسين تي اثرانداز ٿي سگهي ٿي. جيڪڏهن هي تڪرار اپريل جي وچ يا آخر تائين جاري رهي ٿو ته ان جا نتيجا وڌيڪ خطرناڪ ٿي سگهن ٿا. ڪيترن ئي ملڪن ۾ سول ڇڪتاڻ، احتجاج ۽ انساني بحران پيدا ٿي سگهن ٿا. مهانگائي، بيروزگاري ۽ بنيادي ضرورتن جي کوٽ ماڻهن کي روڊن تي اچڻ تي مجبور ڪري سگهي ٿي، جنهن سان سياسي عدم استحڪام وڌي سگهي ٿو. هن سڄي صورتحال مان هڪ اهم سبق پڻ ملي ٿو ته دنيا کي پنهنجي توانائيءَ جي ذريعن ۾ واڌ آڻڻ جي ضرورت آهي. ڪيترائي ملڪ هاڻي ٻيهر ڪوئلي جهڙن متبادل وسيلن ڏانهن ڌيان ڏئي سگهن ٿا، جيتوڻيڪ اهو ماحولياتي حوالي سان مناسب ناهي پر توانائي جي بحران کي منهن ڏيڻ لاءِ ملڪ عارضي طور تي اهڙا قدم کڻي سگهن ٿا. انهيءَ سموري صورتحال کي ڏسندي ڪيترائي مُلڪ جنگبنديءَ جا خواهشمند آهن. جڏهن ته پاڪستان ٿياڪڙيءَ لاءِ مرڪزي ڪردار ادا ڪري رهيو آهي، جنهن ڳالهه تي پاڙيسري مُلڪ ڀارت ۾ ماتم متل آهي، اُتان جا سياستدان توڙي صحافي مُنهن مٿو پٽي رهيا آهن. ٿيڻ ته ائين گهربو هو ته پاڪستان جي اهڙي قدم کي ساراهيندي ٻيا مُلڪ به انهيءَ عمل ۾ پنهنجو حصو ڳنڍين ها ته جيئن جلد کان جلد ڳالهين جو ماحول جڙي پوي ۽ دنيا کي تباهيءَ کان محفوظ بڻائي سگهجي. جيڪڏهن اِئين نه ڪيو ويو ته پوءِ سُڌريل توڙي ترقي پذير مُلڪن کي پنهنجي ئي عوام جي ڪروڌ ۽ ڪاوڙ کي مُنهن ڏيڻو پئجي سگهي ٿو جا ڳالهه ڪنهن به رياست لاءِ سلو سنؤڻ نه هوندي. تنهن ڪري ضرورت اِن ڳالهه جي آهي ته هر مُلڪ جنگ کي بند ڪرائڻ لاءِ پنهنجي پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪري. اسين اُميد ٿا ڪريون ته دنيا جلد معاشي توانائي توڙي جنگي بحران مان نڪري ايندي.

لطيفي لاٽ — شاهه عبداللطيف ڀٽائي

ڪِنين ڪِنين ماڙُهين، ڀيئي ڪَلَ ڪائِي؛
رَسيا جي رَمَزَ ڪي، تن پارسِي پائِي؛
"اَلاِنسَانُ سِرِّيِ وَ اَنَا سِرُّه" ورتِي اِيَ وائِي؛
راجا راڳائِي، هرِدوئِي هيڪُ ٿِيا.

(سُر سورٺ)

بدين ۾ منشيات جو آزار ۽ نئين ايس ايس پي مان اميدون



نور سنڌي

هن وقت منشيات سڄي سنڌ ۾ هڪ وڏو مسئلو بڻجي چڪي آهي. سنڌ جو ڪو به اهڙو شهر ڳوٺ يا واهڻ نه آهي، جتي منشيات جو وکرو نه ٿيندو هجي. سوشل ميڊيا تي ايندڙ خبرن موجب هاڻي ته حالتون ايتريون خراب ٿي ويون آهن جو ڪجهه ضلعن جي ايس ايس پيز تي به الزام لڳن ٿا ته هو پاڻ منشيات جي ڊيلرن سان ڳٺ جوڙ ۾ شامل آهن. انهن الزامن ۾ ڪيتري سچائي آهي، ان بابت جڏهن مون جاچ ڪئي ته ڪجهه حد تائين صداقت نظر آئي. جيڪڏهن ڪنهن ضلعي ۾ پاڻ ذميوار آفيسر منشيات فروشن سان ملوث هجي ته پوءِ ان ضلعي جي حالت جو اندازو آسانيءَ سان لڳائي سگهجي ٿو. اڄ حالت اها آهي جو منشيات عام وڪروانگر کلي عام وڪرو ٿي رهي آهي، جنهن سبب ٻار، نوجوان، پوڙها ۽ عورتون به هن لعنت جو شڪار ٿي تباهه ٿي رهيا آهن. نشي جي ڪري ننڍا وڏا ڏوهه پڻ وڌي رهيا آهن ۽ لڳي ٿو ته جڻ منشيات جو ڪاروبار غير رسمي طور قانوني بڻجي ويو هجي.

جيڪڏهن خاص طور بدين ضلعي جو ذڪر ڪجي ته اهو پڻ منشيات جي حوالي سان اڳين صف ۾ بيٺل آهي. هتي ظفري، گٽڪو، مين پڙي، هيروئن ۽ 'آئس' جهڙيون خطرناڪ نشي آور شيون وڏي پيماني تي وڪرو ٿي رهيون آهن. تازو ٽنڊو باگو مان هڪ وڊيو وائرل ٿي آهي، جنهن ۾ معصوم ٻار 'آئس' استعمال ڪندي نظر اچن ٿا. ان وڊيو جي سچائي بابت مقامي ساٿين سان رابطو جاري آهي پر جيڪڏهن اهو سچ آهي ته اها انتهائي ڳڻتيءَ جوڳي ڳالهه آهي.

مون کي ذاتي طور بدين ضلعي جي مختلف علائقن ۾ وڃڻ جو موقعو مليو آهي، جتي مون پنهنجي اکين سان منشيات جو کُلي عام وڪرو ڏٺو آهي. مقامي صحافين ۽ ساٿين وٽان جڏهن منشيات سبب ٿيندڙ تباهي بابت ٻڌايو ته دل ڏکي وئي. هي ڪاروبار ڪو نئون ناهي، پر سالن کان جاري آهي ۽ هاڻي ڳوٺن تائين ڦهلجي چڪو آهي.

سنڌ جي لڳ ڀڳ هر ضلعي ۾ ساڳي صورتحال آهي، جتي ايس ايس پي جي پاليسي اهم ڪردار ادا ڪري ٿي. جيڪڏهن ايس ايس پي منشيات خلاف سخت موقف اختيار ڪري ته گهٽ ۾ گهٽ اهو ڪاروبار محدود ٿي سگهي ٿو. پر جيڪڏهن مٿان کان سرپرستي ملي ته هي ڌنڌو بي خوف جاري رهي ٿو. ڪيترن ئي ڪيسن ۾ اهو به ڏٺو ويو آهي ته ايماندار آفيسر جيڪڏهن ڪارروائي ڪن ٿا ته مٿن دٻاءُ وڌو وڃي ٿو.

ڪجهه مهينا اڳ مون اڳوڻي ايس ايس پي قمر رضا جسڪاڻي سان به بدين ۾ منشيات بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي هئي ۽ خاص طور 'آئس' ۽ هيروئن جهڙين خطرناڪ شين کي بند ڪرائڻ جي اپيل ڪئي هئي، پر ڪا خاص بهتري نه اچي سگهي. هاڻي سندس بدليءَ بعد ڊاڪٽر سميع الله سومرو کي بدين جو نئون ايس ايس پي مقرر ڪيو ويو آهي.

ڊاڪٽر سميع الله سومرو هڪ پڙهيل لکيل، فرض شناس ۽ عوام دوست آفيسر طور سڃاتو وڃي ٿو هن جتي به خدمتون سرانجام ڏنيون آهن، اتي عوام سان سٺو رويو رکڻ ۽ پوليس کي حقيقي معنيٰ ۾ عوام جو محافظ بڻائڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. يقيناً هر آفيسر سان ڪجهه ماڻهن جا اختلاف به هوندا آهن، پر مجموعي طور سندس ساک سٺي رهي آهي.

بدين ضلعي جي ساٿين ۽ وڏن کي اميد آهي ته ڊاڪٽر سميع الله سومرو نه رڳو

اخلاقيات جي عروج تي انسانيت جو رت وهائيندڙ انسان!

مير قائم خان ٽالپر

جنگ ۽ مذهب جو پاڻ ۾ تعلق صدين کان تمام گهرو ۽ پيچيده رهيو آهي. انساني تاريخ ۾ مذهب جتي امن، ڀائيچاري ۽ اخلاقيات جو درس ڏنو آهي، اتي ڪيترن ئي موقعن تي جنگين کي جواز فراهم ڪرڻ يا سياسي مقصدن جي لاءِ پڻ مذهب جو نالو استعمال ڪرڻ جا مثال به ملن ٿا. جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته دنيا جا لڳ ڀڳ سيئي وڏا مذهب امن جي تعليم ڏين ٿا. اسلام ۾ 'سلام' جو مطلب ئي امن آهي. عيسائيت ۾ حضرت عيسيٰ عليه السلام جي تعليمات محبت تي ٻڌل آهي. ماضيءَ ۾ ٻڌ مذهب، هندو ڌرم ۽ عدم تشدد جو سڀ کان وڏو پرچارڪ ڪندڙ رهيا آهن يعني ٻين لفظن ۾ ائين چوان ته سڀني مذهبن جي تعليمات جو مقصد انساني جان جي حُرمت کي برقرار رکڻ هو پر افسوس اِهو ٿئي ٿو ته تاريخ ۾ اهڙيون ڪيتريون ئي جنگيون وڙهيون ويون آهن جن کي مقدس قرار ڏنو ويو. مثال طور صليبي جنگيون جيڪي عيسائي ۽ مسلمانن جي وچ ۾ يروشلم جي قبضي لاءِ وڙهيون ويون يا 30 سالا جنگ جيڪا يورپ ۾ ڪيٿولڪ ۽ پروٽسٽنٽ فرقن جي وچ ۾ وڙهي وئي، وغيره وغيره. انهن جنگين ۾ مذهبي جذبن کي استعمال ڪري عام ماڻهن کي جنگ جي ميدان ۾ لاٿو ويو. اڪثر ائين ٿيندو آهي ته جنگيون زمين، وسيلن يا اقتدار جي لاءِ وڙهيون وينديون آهن پر انسانيت انهيءَ وقت رت روئيندي آهي، جڏهن جنگ ۾ انسان جي هٿان انسان ماريو وڃي ۽ انهيءَ کي مذهبي رنگ ڏنو وڃي ٿو ۽ ياد رکو منهنجا نوجوانو جڏهن جنگ کي مذهب سان جوڙيو ويندو آهي ته اها وڌيڪ شديد ۽ خطرناڪ ٿي ويندي آهي. ڇاڪاڻ ته انهيءَ ۾ ماڻهو پنهنجي ايمان جي نالي تي قرباني ڏيڻ جي لاءِ بلڪل تيار ٿي ويندا آهن. اهڙي ئي جنگ کي اڄ دنيا منهن ڏئي رهي آهي، جنهن کي ماضيءَ جي مذهبي دشمني سان جوڙي بيگناهه انسانيت جو رت وهايو پيو وڃي. ديس والٽ هڪ لاطيني اصطلاح آهي، جنهن جو ترجمو آهي 'خدا ائين ئي چاهي ٿو' يا 'هي خدا جي مرضي آهي' هن اصطلاح کي 11هين صدي عيسويءَ ۾ پهرين صليبي جنگ دوران عيسائي جنگجوئن جي لاءِ هڪ تاريخي نعري طور استعمال ڪيو ويو هو هيءَ اصطلاح خدائي حڪم يا تقدير سان تعلق رکي ٿو ۽ مشهور نائيٽس ٽيمپلر جي جنگي نعري طور استعمال ڪيو هو منهنجا پڙهندڙ نوجوانو. روايتي طور تي هيءَ جملو پهرين صليبي جنگ 1095ع سان منسلڪ آهي. جيڪو مقدس سرزمين کي ٻيهر حاصل ڪرڻ جي لاءِ استعمال ڪيو ويو هو. هتي لفظن مان مراد آهي ته ڪو خاص عمل يا مقصد خدا جي مرضيءَ جي مطابق آهي. تاريخي اهميت سان گڏوگڏ تازو ڪجهه انتهاپسند ساڄي ڌر ۽ اڄي ڄمڙي جا قومپرست گروپ ٻيهر هن جملي کي اسلام دشمني جي علامت طور پڻ استعمال ڪري رهيا آهن. جيڪڏهن اوهان غور ڪندا ته تاريخي جي لحاظ کان Deus Vult جو حوالو تمام گهڻو اهم آهي. خاص طور تي صليبي جنگين جي شروعاتي دور ۾ جڏهن 1095ع ۾ ڪائونسل آف ڪليرمونٽ (Council of Clermont) دوران پوپ اربن ٻئين (Pope Urban II) بيت المقدس (Jerusalem) تي قبضي جي لاءِ جنگ جو اعلان ڪيو ۽ چيو وڃي ٿو ته پوءِ اتي موجود مجمع هڪ آواز ٿي Deus Vult نعرو لڳايو هو. عيسائي جنگجوئن جو ايمان هو ته اِها جنگ ڪنهن بادشاهه جي نه پر سڌي طرح خدا جي مرضيءَ سان وڙهي پئي وڃي. ياد رکو ته پوپ اربن ٻئين 1095ع ۾ هن صدين تي ٻڌل ان 'مقدس جنگين' جي شروعات ڪئي هئي، جنهن کي هن 'خدا جي مرضي' (Deus vult) جو نالو ڏنو. آئون عرض ڪريان ته صليبي جنگين ۾ 90 لک ماڻهن جو قتل ٿيو. وڏي پيماني تي ڏڪار، بيماريون ۽ خونريزيون ٿيون. ڪيترائي شهر جن ۾ انطاڪيه، ايڊيسا ۽ طرابلس شامل هئا. انهن جو گهيرو ڪيو ويو، لٽ مار ڪئي وئي ۽ انهن کي برباد ڪيو ويو. چرچ صليبي جنگجوئن پاران واپاري رستن ۾ خلل وجهڻ، زرعي زمينن ۽ مذهبي ماڳن کي تباهه ڪرڻ ۽ پنهنجن ڪيمپن ۾ فحاشي کي هٿي ڏيڻ جي عملن کي خدا جو منصوبو قرار ڏئي ان جي توثيق ڪئي. انسانيت جي خلاف چرچ جا اُهي ڏوهه ايترا ته نفرت جوڳا هئا جو مغربي دنيا صحيح معنيٰ ۾ مذهب کان نفرت ڪرڻ لڳي، جرمن فلاسفر آرٿر شوپنهاور 1820ع جي ڏهاڪي ۾ لکيو هو ته، 'عيسائيت جا ميوا مذهبي جنگيون، وحشي قتلام، صليبي جنگيون، امريڪا جي اصل رهاڪن جو خاتمو ۽ انهن جي جاءِ تي آفريڪي غلامن کي آڻڻ آهن' انهيءَ کان جلد ئي پوءِ يورپ تي سيڪيولرزم، لبرلزم ۽ فيمينزم جو غلبو ٿي ويو ۽ ايمان کي انساني ضمير جي تهه خانن ۾ ڌڪيو ويو.

جيڪڏهن اسان 1991ع ڏانهن ڪنڌ ڦيرائي پويان نظر ڪريون ته سرد جنگ جي خاتمي ڪانپوءِ امريڪا هڪ اڪيلو سپر پاور بڻجي اڀريو. فرانسس فوڪوياما ان لمحي کي 'تاريخ جي پڄاڻي' قرار ڏنو پر سيموئل هنگٽن. فوڪوياما جي انهي راءِ سان اختلاف ڪيو ۽ پنهنجو مشهور نظريو پيش ڪيو ته مستقبل جون جنگيون ملڪن جي وچ ۾ نه، پر تهذيبن جي وچ ۾ وڙهيون وينديون. ڇاڪاڻ ته تهذيبن جي بنياد ٻولي، رواج، نسل ۽ سڀ کان وڏي ڳالهه ته عقيدي تي هوندو آهي. هاڻي جيڪڏهن اوهان غور ڪندا ته اڄ جڏهن امريڪا ۾ ڪجهه ڪيٿولڪ شخصيتن ايران تي جنگ جي اخلاقي طور تي ناجائز هجڻ جي مذمت ڪئي آهي، اُتي امريڪا جي ايپسٽين مزاج سياسي مافيا هڪ اهڙي شيطاني جنوني ذهنيت جي گرفت ۾ نظر اچي ٿي، جيڪا پاڻ کي آخرت جي مسيحي نجات ڏيندڙ طور پيش ڪري رهي آهي، اهو اندازو لڳائڻ مشڪل آهي ته ڇا امريڪي اهو مزاج رکندڙ مالي طاقت مذهب جي ذريعي عوام کي خاموش رکڻ جي لاءِ هڪ ڍال طور استعمال ڪري رهيا آهن يا وري جڏهن پرڏيهي پاليسي ۽ جنگي حڪمت عملي جي ڳالهه اچي ٿي ته امريڪي سياسي فريم ورڪ بنيادي طور تي مڪمل طرح صهيوني بڻجي چڪو آهي. چيو وڃي ٿو يا سمجهيو وڃي ٿو ته اطلاعن موجب، ڪيترن ئي امريڪي فوجين پنهنجن اعليٰ آفيسرن پاران جنگ کي جائز قرار ڏيڻ لاءِ انتهاپسند مزاج رکندڙ بيان بازي خلاف شڪايتون ڪيون آهن. فوجين کي چيو پيو وڃي ته هي ايران تي حملو خدا جي الهامي منصوبي جو حصو هو ۽ انهن کي ميدانِ جنگ ۽ حضرت عيسيٰ جي واپسي جي حوالي سان بائبل جي پيشگوئين جا حوالا ڏنا پيا وڃن. ته ڇا هي صليبي جنگين جو تسلسل آهي.

هتي سوال اِهو ٿو پيدا ٿئي ته ڇا بائبل جون پيشگوئيون بين الاقوامي قانون جي جڳهه وٺنديون؟ ڇا تشدد سفارتڪاري جي جڳهه وٺندو ۽ موت کي شهادت سان بدلايو ويندو؟ هاڻي غور ڪريو ته ڇا 11 هين صدي جيان ٻيهر سڀ اخلاقيات، ضبط ۽ جنگ جي قانونن کي ردي جي ٽوڪري ۾ اڇلايو پيو وڃي؟ امريڪي دفاعي ڪاتي جي پيٽ هيگسيٿ کي وڏي فخر سان اِهو چوندي ٻڌو ويو آهي ته، 'اسان مسيح کي چوندي ٻڌون ٿا، پنهنجو صليب کڻو ۽ منهنجي پيروي ڪريو. واضح طور تي حضرت عيسيٰ صرف هڪ سفارتڪار طور نه آيو هو. هو هڪ انقلابي هو. سندس مقصد سچ کي ڪوڙ کان، دنيا جي شين کي خدا جي شين کان، روشني کي اونداهيءَ کان ۽ خير کي شر کان ڌار ڪرڻ هو ۽ مسيح وانگر، اسان جي بهادر جنگجوئن کي دنيا کي خوش ڪرڻ جي لاءِ نه سڏيو ويو آهي، ڪين انهيءَ جو مقابلو ڪرڻو آهي. اسان ڄاڻون ٿا ته اسان هڪ جسماني جنگ وڙهون ٿا پر اها بنيادي طور تي هڪ روحاني جنگ آهي، جيڪا جنگ ميدان ۾ وڙهي پئي وڃي. انهيءَ ڪانپوءِ، 7 مارچ تي وائيٽ هائوس جي هڪ تقريب جو اِهو منظر دنيا ڏٺو، جنهن ۾ صدر ايوانجيليڪل اڳواڻن جي وچ ۾ موجود هو ۽ اهي سندس مٿي تي هٿ رکي دعا گهري رهيا هئا. انهيءَ دعا دوران جيڪس به مٿس هٿ رکي دعا ڪئي ته: 'اي مالڪ! اسان دعا ٿا ڪريون ته تون اسان جي صدر کي طاقت عطا ڪر جيئن هُو اسان جي قوم کي هڪ اهڙي قوم طور اڳتي وڌائي، جيڪا تنهنجي تابع هجي.' هي اهو ساڳيو صدر آهي جنهن جو نالو ايپسٽين جي فائلن ۾ بار بار دنيا جي سامهون اچي رهيو آهي، جنهن ۾ سندس ڪرتوت به دنيا پڙهي ۽ ڏسي رهي آهي.

منهنجا پڙهندڙ نوجوانو اِهو ئي سبب آهي جو پهرين جون 2025ع کان شروع ٿيندڙ 12 ڏينهن واري جنگ ۾ ايران تي ٿيل حملي کي 'آپريشن رائزنگ لائن' جو نالو ڏنو ويو هو. جيڪڏهن اوهان غور ڪندا ته اِهو نالو اصل ۾ بائبل جي هڪ پيشگوئي تان ورتل هو ته اسرائيل جا ماڻهو مشڪلاتن مان شينهن وانگر اڀرندا. مسلمانن جي خلاف هي مذهبي جنونيت صرف ٽرمپ جي وڃهن ساٿين تائين ئي محدود ناهي پر لڳي ٿو ته هي سڄي امريڪي نظام ۾ موجود مذهبي انتها پسند طبقي ۾ پکڙيل آهي. جنهن جي مثال آئون اوهان جي اڳيان هڪ امريڪي سينيٽر جي جملي ۾ پيش ڪريان ٿو. امريڪي سينيٽر لنڊسي گراهم گذريل ڏينهن امريڪي عوام کي خبردار ڪندي چيو ٿو ته 'جيڪڏهن امريڪا اسرائيل جي امداد بند ڪئي ته خدا اسان جي امداد بند ڪري ڇڏيندو' هاڻي آئون پنهنجي پڙهندڙن ۽ هنن حالتن تي نظر رکندڙ نوجوانن کي عرض ڪريان ته اوهان کي اهو ڏسڻ گهرجي ته اهو خيال صرف ٽرمپ انتظاميه تائين ئي محدود نه آهي. بلڪ اِهو گهڻو پراڻو آهي، جيڪڏهن اوهان ماضيءَ ۾ جهاتي پائيندا ته اوهان کي اهو سڀ ياد ايندو. ايسٽائين جو 2005ع ۾ صدر بُش چيو هو ته، 'جارج، وڃ ۽ افغانستان ۾ انهن دهشتگردن سان وڙهه ۽ پوءِ مون ائين ئي ڪيو. انهي کان پوءِ خدا مون کي چيو جارج، وڃ ۽ عراق ۾ ظلم کي ختم ڪر ۽ مون ائين ئي ڪيو.' هاڻي هتي آئون پنهنجي پڙهندڙن کان اهو سوال ڪرڻ جو حق رکان ٿو ته اوهان مون کي ٻڌايو حقيقت ۾ امريڪي سياسي سوچ ڇا آهي؟ ڇا اها جمهوريت ۽ هر قسم جي آزادي جي حمايت آهي؟ ڇا اها دنيا جي حڪومتن کي سيڪيولر بڻائڻ جي سوچ آهي؟ ڇا اها اظهار جي آزادي ۽ برابري جي سياست آهي يا انهي جي بلڪل ابتڙ؟ تازو ٽي ٽڪر ڪارلسن سان هڪ انٽرويو ۾، اسرائيل ۾ امريڪي سفير مائڪ هڪابي امريڪي جمهوري قدرن کي چيلنج ڪندي چيو ته 'اسان اهڙي دنيا ۾ نٿا رهون جتي توهان پنهنجي پاليسي طئي ڪرڻ جي لاءِ پولنگ ڪرايو ته ڇا ڪرڻ گهرجي' پنهنجي اصليت کي ظاهر ڪندي، ٽينيسي جي نمائندي اينڊي اوگلز به تازو چيو آهي ته 'مسلمانن جي امريڪي سماج ۾ ڪا به جڳهه ناهي' بشڪ ايران پاڻ به هڪ مذهبي ماحول رکندڙ ملڪ آهي، انهن جون تعليمات به مهدي ۽ مسيح جي انتظار ۾ آهن پر انهي جو مطلب قطعي اهو ناهي ته اهي عيسائيت يا يهوديت جي خلاف جنگ شروع ڪري ڏي، بلڪ ايران پُرامن، برابري، انسانيت، غزه فلسطين جي حقن کي تسليم ڪرڻ جي ڳالهه ڪري ٿو ۽ انهيءَ سان گڏوگڏ هو پنهنجي خودمختياري چاهي ٿو ۽ هو پنهنجي خودمختياري تي حملو برداشت نٿو ڪري، اهو ئي سبب آهي جو هنن تي مڙهيل جنگ ۾ به هنن صرف انهن هدفن کي نشانو بڻايو آهي جتان دشمن پاران هنن تي حملا ڪري هنن کي نشانو بڻايا پيو وڃي ۽ هنن گڏيل قومن جي بيان ڪيل جنگي اخلاقيات کي برقرار رکڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪئي آهي. هاڻي آخر ۾ آئون پنهنجي گفتگو انهن لفظن تي ڇڏيان ٿو ته افسوس جو مقام اِهو آهي ته اخلاقيات جي عروج تي، تهذيب جي انتها تي، سائنس ۽ ٽيڪنالاجي ۾ ترقي جي چوٽيءَ تي، طاقت جي بُلندين تي، 21هين صديءَ ۾، انسان انسانيت جي لاءِ هڪ حقيقي، وحشي ۽ غير مهذب دشمن بڻجي اڀري رهيو آهي، جيڪو هاڻ خدا جي نالي تي انسانيت کي چيري ڦاڙي ڇڏيندو ياد رکو منهنجا نوجوانو جنگ ۽ مذهب جو سنگم تڏهن خطرناڪ بڻجي ويندو آهي جڏهن مذهب کي نفرت پکيڙڻ جي لاءِ استعمال ڪيو وڃي پر جيڪڏهن مذهب جي اصل تعليمات تي عمل ڪيو وڃي، ته اهو دنيا ۾ امن قائم ڪرڻ جو سڀ کان مضبوط ذريعو بڻجي سگهي ٿو!

اسرائيل، امريڪا جي ايران سان جنگ ۽ اسان جو ڪردار

ايران ۽ آمريڪا ۽ اسرائيل جي وچ ۾ وڌندڙ تڪرارءِ جنگي صورتحال نه رڳو وچ اوڀر پر پوري دنيا لاءِ ڳڻتيءَ جو سبب بڻيل آهي. اهڙي نازڪ وقت ۾ پاڪستان جي حڪمرانن، خاص ڪري فوجي قيادت، جيڪو ذميوار ۽ سنجيده ڪردار ادا ڪيو آهي، تنهن کي عالمي سطح تي ساراهيو پيو وڃي. پاڪستان هميشه امن جو حامي رهيو آهي ۽ هن ڀيري به جنگ کي روڪڻ ۽ ڳالهين ذريعي مسئلو حل ڪرڻ لاءِ پنهنجي سفارتي ڪوششن کي اڳتي وڌايو آهي. پاڪستان جي قيادت جو موقف واضح آهي ته جنگ ڪنهن به مسئلي جو حل ناهي، بلڪ اها وڌيڪ تباهي ۽ انساني نقصان جو سبب بڻجي ٿي. ان ڪري اسان جي حڪمرانن عالمي برادري سان گڏجي جنگ بند ڪرائڻ ۽ ڌرين کي ڳالهين جي ميز تي آڻڻ لاءِ مسلسل ڪوششون ڪيون آهن. اهو ڪردار خاص طور تي انهن ملڪن لاءِ اميد جو ڪرڻو بڻيو آهي، جيڪي سڌي طرح هن تڪرار کان متاثر ٿي رهيا آهن. ٻئي پاسي ڀارت جي ميڊيا ۽ ڪجهه سياستدانن جو رويو منفي ۽ تنقيدي رهيو آهي. انهن کي شايد اهو قبول ڪرڻ مشڪل پيو لڳي ته پاڪستان هڪ اهم ۽ مثبت ڪردار ادا ڪري رهيو آهي. پر حقيقت اها آهي ته عالمي سياست ۾ اهميت حاصل ڪرڻ لاءِ ذميواري، دانائي ۽ امن پسندي ضروري هوندي آهي، جيڪا پاڪستان هن موقعي تي ڏيکاري آهي جنگ بند ٿئي ٿي يا نه، اِهو ته وقت ئي ٻڌائيندو، پر جڏهن تاريخ لکي ويندي، تڏهن اِهو ضرور ڄاڻايو ويندو ته پاڪستان اُنهن ٿورڙن مُلڪن مان هڪ هو، جنهن جنگ ختم ڪرڻ لاءِ ڪوششون ورتيون. اُميد ته اِها اٿئون ته پاڪستان جا حڪمران پنهنجي اِن عمل ۾ ضرور ڪامياب ويندا. جو ته جنگ هيستائين تمام گهڻو نقصان ڪري چُڪي آهي ۽ ايندڙ وقت ۾ جيڪڏهن اها جاري رهي ته اِجا ئي وڌيڪ نقصان جا امڪان آهن. اِنهن نقصانن کان بچڻ جو واحد حل ڳالهيون آهن ۽ ڳالهين لاءِ پاڪستان کي جيڪڏهن ميزباني جو موقعو مليو ته اِها اسان سڀني لاءِ خوشقسمتي هوندي. بهرحال دنيا اُميدن تي قائم آهي ۽ اُميد ٿا ڪريون ته پاڪستان هن جنگ جي باهه کي وسائڻ وارن مان هوندو. (ايڊيٽوريل ڊيسڪ)

آمريڪا جي فضائن مان

ڇا آمريڪا جنگ جي ڏهڻ مان نڪري سگهندو؟

راجا زاهد اختر خانزاده

تاريخ جي ورقن تي ڪڏهن ڪڏهن اهڙا لمحا ايندا آهن، جڏهن وڏيون سلطنتون پنهنجي ئي ناهيل ڄار ۾ ڦاسي پون ٿيون. جڏهن طاقت جو نشو ايترو گهرو ٿي وڃي جو نه پٺتي ڏسڻ ممڪن رهي ۽ نه اڳتي جو رستو صاف نظر اچي. اڄ آمريڪا به اهڙي ئي موڙ تي بيٺو آهي، هڪ اهڙي جوراهي تي جتي هر رخ خطري سان ڀريل آهي ۽ هر قدم جي قيمت تمام وڏي آهي.

هي سوال اهم ناهي ته ڪالهه ڪيترا حملا ٿيا، ٽرمپ ڇا چيو يا ايران ڪهڙي ڌمڪي ڏني؟ اهي سڀ سطح تي هلندڙ بحث آهن. لهرن جيان مٿاڇري جا سوال. اصل سوال اهو آهي، جيڪو گهراين ۾ لڪل آهي، جيڪو رات جي خاموشيءَ ۾ واشنگٽن جي ديوارن کي به لوڏي ٿو: ڇا آمريڪا واقعي هن جنگ مان نڪري سگهي ٿو؟ ڇا هو جنگ بندي تي سنجيدگيءَ سان ڳالهائي سگهي ٿو؟ ڇا هو پٺتي هٽڻ جي همت رکي ٿو؟ ڇا هن ڏهڻ مان نڪرڻ جو ڪو حقيقي رستو موجود آهي؟

جڏهن هن سوال جو جواب غور سان ڏسجي ٿو ته هڪ ڳري بيچيني پيدا ٿئي ٿي. آمريڪا هڪ اهڙي حالت ۾ ڦاسي چڪو آهي، جتان نه اڳتي وڌڻ آسان آهي، نه پٺتي موٽڻ ۽ هن صورتحال کي سمجهڻ لاءِ اهو سمجهڻ ضروري آهي ته جنگ صرف هڪ عمل ناهي، پر هڪ جيئرو وجود آهي، جنهن جي پنهنجي رفتار ۽ پنهنجو منطق هوندو آهي.

فلسفو ٻڌائي ٿو ته هر شيءِ پنهنجي فطرت مطابق هلندي آهي. پاڻي هيٺ وهي ٿو. باهه مٿي اڀري ٿو ۽ جنگ؟ جنگ سدائين پکڙجي ٿي. جڏهن هيءَ جنگ شروع ٿي، سياستدانن سمجهيو ته هو ان کي ڪنٽرول ۾ رکندا. ٽرمپ کي يقين هو ته هُو ان کي پنهنجي قبضي ۾ رکي سگهندو پر جنگ ڪنهن جي قبضي ۾ نه رهندي آهي اها پنهنجو رخ پاڻ طئي ڪندي آهي، پنهنجي رفتار پاڻ ناهيندي آهي ۽ آهستي آهستي ماڻهن کي پنهنجي تابع ڪري ڇڏيندي آهي.

يوڪرين جي جنگ کي ڏسو فيبروري 2022 ۾ شروع ٿيندڙ اهو تڪرار اڄ تائين جاري آهي. ٻنهي ڌرين کي خبر هئي ته ڳالهين جا در کليل آهن. پر لکين زندگيون تباهه ٿي رهيون آهن. معيشتون ٽٽي رهيون آهن. ان باوجود جنگ جاري رهي چو؟ چو ته جنگ بنديءَ جو مطلب هوندو آهي ڪجهه اهڙو مڃڻ، جيڪو دل قبول نٿي ڪري. شڪست جو اعتراف. ذلت جو بار. اهڙا شرط جيڪي قومي وقار کي زخمي ڪن ۽ اهڙو قدم ڪو به اڳواڻ آسانيءَ سان نٿو کڻي.

ايران سان جاري هي تڪرار به ساڳئي نموني تي هلي رهيو آهي. ڪابه ڌر شڪست قبول ڪرڻ لاءِ تيار نظر نٿي اچي. جيتوڻيڪ رکجڻ سندن پنهنجي مفاد ۾ هجي. اها ڪا اڳڪٿي ناهي، پر تاريخ جو اهو سبق آهي جيڪو بار بار ورجائجي ٿو.

پر هن جنگ کي وڌيڪ پيچيده بڻائيندڙ حقيقت اها آهي ته جيڪڏهن آمريڪا جنگ بندي چاهي به، ته به ائين آساني سان ممڪن ناهي. مسئلو صرف اهو ناهي ته ايران ڳالهين لاءِ تيار هوندو يا نه؟ پر اهو آهي ته ايران جيڪي شرط رکندو، اهي آمريڪا لاءِ انتهائي ڳرا ۽ تباهه ڪندڙ ٿي سگهن ٿا.

اطلاعن موجب آمريڪا مختلف ذريعن سان پيغام موڪليا ته اچو ڳالهيون ڪريون. ايران پهرين انڪار ڪيو، پوءِ مشروط رضامندي ظاهر ڪئي. انهن شرطن ۾ سڀ کان اهم اها ڳالهه ٻڌائي وڃي ٿي ته آمريڪا ايران کي وڏي پيماني تي مالي هرجانو ادا ڪري، جيڪو ڪيترن ئي ٽريلين ڊالرن تائين پهچي سگهي ٿو. اهو هرجانو جنگي نقصان، ڊگهين پابندين ۽ معاشي دٻاءُ جي بدلي ۾ گهربو پيو وڃي. ٻيو شرط، جيڪو وڌيڪ بنيادي آهي، اهو آهي ته آمريڪا مڪمل طور وچ اوڀر مان پنهنجو فوجي اثر ختم ڪري، پنهنجا اڏا بند ڪري ۽ پنهنجي فوج واپس وٺي وڃي. ايران جو دليل سادو آهي: جيستائين آمريڪا هن خطي ۾ موجود آهي، اسان محفوظ ناهيون، تنهنڪري ان جو نڪرڻ ضروري آهي.

ڪجهه ماڻهن لاءِ شايد اهو خيال پرڪشش هجي ته آمريڪا کي واقعي وچ اوڀر مان نڪري وڃڻ گهرجي، پر حقيقت ۾ اهو قدم رڳو فوجي واپسي نه هوندو، پر هڪ اهڙي زنجير جي شروعات هوندي، جيڪا سڄي عالمي نظام کي متاثر ڪري سگهي ٿي.

سعودي عرب، متحده عرب امارات، قطر، ڪويت ۽ بحرين جهڙا ملڪ اڄ آمريڪي تحفظ هيٺ آهن. آمريڪي موجودگي انهن لاءِ هڪ حفاظتي ديوار آهي. جيڪڏهن اها ديوار ڪري ٿي ته خطي ۾ طاقت جو توازن تبديل ٿي ويندو ۽ ايران هڪ غالب قوت طور اڀري سگهي ٿو.

هتي هڪ اهم حقيقت سامهون اچي ٿي: خليجي ملڪ رڳو تيل جا ذخيرا ناهن پر عالمي معاشي نظام جو مرڪز آهن. پيٽروڊالر جو نظام، جنهن تحت تيل جي خريد و فروخت آمريڪي ڊالر ۾ ٿيندي آهي، آمريڪي معيشت جو بنياد آهي. دنيا جا ملڪ توانائي حاصل ڪرڻ لاءِ ڊالر رکڻ تي مجبور آهن ۽ پوءِ اهي ڊالر وري آمريڪي مالياتي نظام ۾ واپس اچن ٿا.

جڏهن آمريڪا تي لڳ ڀڳ اٺٽيهه ٽريلين ڊالر قرض هجي ته اهڙي نظام جو قائم رهڻ انتهائي اهم بڻجي وڃي ٿو جيڪڏهن هي نظام ٽٽي ٿو ته آمريڪي معيشت جي بنيادن کي لوڏو اچي سگهي ٿو.

هيءَ صورتحال رڳو وچ اوڀر تائين محدود ناهي. جاپان ۽ ڏکڻ ڪوريا جهڙا ملڪ به هن صورتحال جو جائزو وٺي رهيا آهن. جيڪڏهن آمريڪا ايران جي خلاف واضح ڪاميابي حاصل نه ڪري سگهيو ته ڇا هو مستقبل ۾ چين جي مقابلي ۾ انهن جي حفاظت ڪري سگهندو؟ اهو سوال انهن کي پنهنجي دفاعي حڪمت عمليءَ تي ٻيهر سوچڻ تي مجبور ڪري سگهي ٿو.

يورپ به ساڳئي بيچينيءَ جو شڪار آهي. جيڪڏهن آمريڪا وچ اوڀر مان نڪري سگهي ٿو ته ڇا هو يورپ کي به اڪيلو ڇڏي سگهي ٿو؟ جيڪڏهن اهڙو خدشو وڌي ٿو ته يورپ پنهنجي پاليسين ۾ تبديلي آڻي سگهي ٿو جنهن سان اولهه اتحاد ڪمزور ٿي سگهي ٿو.

اهڙي طرح، جيڪڏهن پيٽروڊالر جو نظام متاثر ٿئي، اتحادي پري ٿين ۽ ڊالر جي عالمي حيثيت گهٽجي وڃي، ته آمريڪا لاءِ پنهنجي وڏي قرض کي سنڀالڻ وڌيڪ مشڪل ٿي ويندو اهڙي صورتحال سلطنتن جي زوال جي شروعات هوندي آهي. ته پوءِ آمريڪا وٽ ڪهڙا آپشن بچن ٿا؟ اڳتي وڌڻ خطرناڪ، پٺتي هٽڻ تباهه ڪندڙ ۽ بيهي رهڻ وقت ۽ وسيلن جو ضايع ٿيڻ. اهڙي صورتحال ۾ ڪڏهن ڪڏهن هڪ فيصلائتو قدم کڻڻ جو خيال پيدا ٿئي ٿو جهڙوڪ محدود فوجي ڪارروائي. پر تاريخ ٻڌائي ٿي ته اهڙيون ڪارروايون اڪثر وڏين جنگين ۾ تبديل ٿي وڃن ٿيون.

ويتنام، عراق ۽ افغانستان جا تجربا انهيءَ حقيقت جا مثال آهن. اهڙي صورتحال کي "مشن ڪريپ" چيو وڃي ٿو جتي هڪ محدود مقصد آهستي آهستي وڏي جنگ ۾ تبديل ٿي وڃي ٿو. ان سان گڏ "سنڪ ڪاسٽ فالسي" به ڪم ڪري ٿي، جتي اڳ ۾ لڳايل وسيلن سبب پٺتي هٽڻ وڌيڪ ڏکيو ٿي وڃي ٿو.

ايران به آمريڪي حڪمت عمليءَ کي گهڻي عرصي کان سمجهي رهيو آهي ۽ ان مطابق پاڻ کي تيار ڪيو آهي. جديد هٿيار، ميزائل نظام، ڊرون ٽيڪنالاجي ۽ علائقائي اتحادي گروهه هن جي حڪمت عمليءَ جو حصو آهن. اهڙي صورتحال ۾ ڪنهن به جنگ جو نتيجو سادو يا جلدي نڪرڻ مشڪل آهي.

۽ آخرڪار اهو اهم سوال سامهون اچي ٿو: قرباني ڪنهن جي ٿيندي؟ ٽرمپ جي يا آمريڪا جي؟ تاريخ ٻڌائي ٿي ته اهڙيون جنگيون اڳواڻن کي به متاثر ڪن ٿيون ۽ ملڪن جي حيثيت کي به. ڪڏهن ڪڏهن هنن کي نقصان ٿئي ٿو ته تنهن هوندي به، ڪجهه تجزيه نگار سمجهن ٿا ته اڃا به هڪ رستو موجود آهي: سفارتڪاري، ڳالهين ۽ نئين عالمي حقيقت کي قبول ڪرڻ جو رستو دنيا هاڻي هڪ قطبي ناهي رهي ۽ آمريڪا کي پنهنجي حڪمت عملي کي نين حالتن مطابق ترتيب ڏيڻ جي ضرورت آهي.

هر سلطنت وٽ هڪ لمحو هوندو آهي، جتي فيصلو ڪرڻو پوندو آهي: تبديلي يا زوال. روم تبديلي نه آندي ۽ زوال جو شڪار ٿيو. برطانيا ڪجهه حد تائين تبديلي آندي ۽ پنهنجي حيثيت بچائي. آمريڪا اڄ ساڳئي موڙ تي بيٺو آهي جيڪڏهن آمريڪا تبديلي اختيار ڪري ٿو ته شايد ٽرمپ جي سياسي قرباني ڏيڻي پوي، پر ملڪ بچي سگهي ٿو ۽ جيڪڏهن نه، ته تاريخ هڪ ڀيرو ٻيهر ساڳيو سبق ورجائيندي: هڪ طاقتور سلطنت جيڪا پنهنجي ئي ناهيل ڏهڻ ۾ ڦاسي وئي ۽ آخرڪار ان ۾ ٻڏي وئي.

تاريخ ڪڏهن به انتظار نٿي ڪري.

هاڻي سوال اهو آهي ته ڇا آمريڪا تاريخ مان سبق سکندو، يا پاڻ تاريخ جو هڪ نئون سبق بڻجي ويندو؟

اڄوڪو ڏينهن ـ 28 مارچ

منظور پرواز ميمڻ

شڪارپور جي هن مشهور ليکڪ 28 مارچ 1947ع تي پنهنجي حياتيءَ جو سفر شروع ڪيو. سندس والد رحيم بخش ميمڻ شڪارپور جو مشهور صحافي هو. هن بي اي تائين تعليم پنهنجي شهر جي مختلف تعليمي ادارن مان حاصل ڪئي. هن 1971ع ۾ سرڪاري نوڪري حاصل ڪئي ۽ 2007ع ۾ صنعتن واري کاتي مان ڊپٽي ڊائريڪٽر طور رٽائر ٿيو. 1962ع ۾ نثر توڙي نظم لکڻ شروع ڪيائين. هن شاعريءَ جي لڳ ڀڳ هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي پر وائي، نظم ۽ غزل سندس من پسند صنفون آهن. سندس لکڻيون سنڌ جي ادبي رسالن ۽ اخبارن جي سونهن بڻجنديون رهيون آهن.

نصير سومرو



اڄ مشهور ليکڪ ۽ انجنيئر نصير سومري جي جنم جو ڏينهن آهي. نصير سومرو 28 مارچ 1964ع تي خيرپور ميرس ضلعي جي ننڍڙي شهر هنگورجا ۾ پيدا ٿيو. ابتدائي تعليم پنهنجي والد مولانا الهه بخش سومري کان حاصل ڪيائين. مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاير سيڪنڊري اسڪول هنگورجا مان ۽ ٻارهين ڪلاس جو امتحان گورنمينٽ ڊگري ڪاليج ڪنڊياري مان پاس ڪيائين. اڳتي هلي مهراڻ يونيورسٽي آف انجنيئرنگ اينڊ ٽيڪنالاجي ڄامشوري مان ميٽلرجيڪل انجنيئرنگ ۾ گريجوئيشن ڪيائين. 1990ع کان 2000ع تائين پاڪستان اسٽيل مل ۾ نوڪري ڪيائين. 2000ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري پاران غير سنڌي آفيسرن کي سنڌي ٻولي سيکارڻ

شير ميربحر



اڄ سنڌ جي مشهور ملهه پهلوان مرحوم شير ميربحر جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن کي "سنڌ جي رستم" جي نالي سان ياد ڪيو وڃي ٿو. هن جو جنم 1924ع ڌاري ڳوٺ موسو ديرو تعلقي ڪنڊياري ضلعي نوشهروفيروز ۾ علي محمد ميربحر جي گهر ۾ ٿيو. هن کي ننڍي هوندي کان ئي ملهه وڙهڻ جو شوق هو. هن فقط پرائمري تعليم حاصل ڪئي. هن نه فقط سنڌ جي ملهه پهلوانن کي زير ڪيو پر ڪيترن ئي غير ملڪي پهلوانن کي زير ڪري سنڌ جو ڳاٽ اوچو ڪيائين. 1962ع ۾ مخدوم طالب المولىٰ هالا نوان ۾ هڪ ملاڪڙي جو اهتمام ڪيو هو. جنهن ۾ شير ميربحر جيڪو سلواڪيه جي پهلوان زبيسڪو کي شڪست ڏني. انهيءَ ئي ملاڪڙي ۾ کيس "شيرسنڌ" جو خطاب ڏنو ويو. ان بعد نيشنل اسٽيڊيم ڪراچيءَ ۾ انگلينڊ جي پهلوان آسٽن جيري ۽ ڀارت جي پهلوان گرنام سنگهه کي ۽ خيرپور ميرس ۾ افغانستان جي پهلوان قطب خان کي شڪست ڏنائين. شهيد ذوالفقار علي ڀٽي 1974ع ۾ کيس ملهه جو قومي ڪوچ مقرر ڪيو. هن 28 مارچ 1985ع تي دم ڏنيءَ حوالي ڪيو.

علامه محمد قاسم مشوري

علامه مفتي محمد قاسم مشوري پنهنجي دور جو وڏو ديني عالم هو. سندس ولادت باسعادت 12 ربيع الاول 1326هه مطابق پهرين آگسٽ 1898ع تي



مختيار اٽڙ

جو بنياد رکيائين. انهيءَ مدرسي مان سنڌ ۽ بلوچستان جي هزارين طالبن ديني تعليم حاصل ڪئي. سندس ڪتب خاني ۾ لڳ ڀڳ 11 هزار ڪتاب موجود هئا. پاڻ مختلف ديني موضوعن تي 22 ڪتاب تصنيف ڪيا. هن بزرگ پهرين رمضان 1410هه مطابق 28 مارچ 1990ع تي هن فاني جهان کان موڪلائي ابدي راهه ورتي.

ملازم سروري



اڄ مشهور شاعر ملازم سروريءَ جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن نائيواري شاعر جو اصل نالو شهباز علي ولد عبدالڪريم خاصخيلي هو. هن جو جنم 10 جون 1916ع تي تعلقي سيوهڻ ضلعي ڄامشوري جي ڳوٺ آراضيءَ ۾ ٿيو. ان وقت جي دستور موجب سنڌي، فارسي ۽ قرآن شريف جي تعليم حاصل ڪيائين. هو مخدوم طالب المولىٰ جو عقيدتمند هو. مخدوم صاحب جي درگاهه تي محمد فقير کتياڻ ۽ فقير الهه بخش ملاح جي صحبت هن کي شاعريءَ طرف مائل ڪيو. مخدوم صاحب جي ادبي محفلن ۽ مخدوم صاحب جي سرپرستيءَ کيس هڪ قادر الڪلام شاعر بڻائي ڇڏيو. هن جي شاعريءَ ۾ غزل، ڪافيون، بيت، رباعيون، مرثيا، نعتون، حمد، ڏوڙ ۽ نظم وغيره

نٿو کهيڙي

اڄ سنڌ جي مشهور مزاحيه اداڪار نٿو کهيڙيءَ جي وفات جو ڏينهن آهي. هو 1935ع ڌاري بدين ۾ ڄائو. هو ننڍي محفلن، ميلن ملاڪڙن ۽ شادين مرادين تي پنهنجي مزاحيه ٽوٽڪن سان ماڻهن جي مُک تي مرڪون پکيڙيندو هو. هن اسٽيج، ريڊيو ۽ ٽي وي تي به مزاحيه اداڪاري ڪئي. 1970ع کان 1990ع واري ڏهاڪي دوران هو سنڌ جي مشهور مسخرن ۾ شمار ٿيندو هو. هن جون اٽڪل 400 آڊيو ڪيسٽون جاري ٿيون. جن مان اڪثر اڄ به يوٽيوب ۽ فيس بڪ تي موجود آهن. هن 28 مارچ 2012ع تي وفات ڪئي.

سروپچند شاد



اڄ سنڌي گيت جي ناميارو شاعر سروپچند شاد جي ورسيءَ جو ڏينهن آهي. هن مشهور اديب جو جنم 2 جنوري 1937ع تي مٺيءَ ۾ ٿيو. هو مئٽرڪ تائين مٺيءَ ۾ پڙهيو ٻارهين ڪلاس جو امتحان گورنمينٽ شاهه عبداللطيف ڪاليج ميرپور خاص مان پاس ڪيائين. اڳتي هلي سنڌ يونيورسٽيءَ مان بي اي آنرس ۽ ايم اي (انگريزي ادب) جون سندون حاصل ڪرڻ بعد ڪاليج ۾ انگريزي ادب جو ليڪچرار مقرر ٿيو. هن پنهنجي زندگيءَ جو گهڻو حصو ٽنڊي محمد خان ۾ گذاريو ۽ پهرين جنوري 1997ع تي پروفيسر طور رٽائر ٿيو. سندس پهريون نظم "قائد اعظم" الوحيد اخبار ۾ 1956ع ۾ ڇپيو. ان بعد هن جي شاعري ۽ مضمون سنڌ جي مختلف ادبي رسالن ۾ ڇپجندا رهيا. سندس ڪتابن ۾ "سونهن ساريڪا ڏوها" (شاعري)، "مٺڙو ٻولين

وگهڙ ۾ بجلي جي غير قانوني ڪنيڪشنن خلاف ڪارروائي

150 کان وڌيڪ لڳل غير قانوني ڪنڊا ڪٽي 5 صارفين کي رهڻون ڇاڙائي گرفتار ڪيو ويو

عملدارن قسط جي صورت ۾ رقم وصول ڪرڻ بعد کين آزاد ڪري ڇڏيو

وگهڙ(ن-ع) وگهڙ شهر ۾ بجلي چورن خلاف سيپڪو پاران ايس ڊي او وارهه محمد اسلم ابڙو رينجرز ۽ پوليس ساڻ ڪري غيرقانوني ڪنڊا ڪنيڪشن خلاف ڪارروائي جي سلسلي ۾ شهر جي مک چوڪ ۽ رهائشي هنڌن تي آپريشن ڪندي 150 کان وڌيڪ لڳل غير قانوني ڪنڊا ڪٽي 5 ميٽر صارفين کي بقاياجات ڇاڙائي گرفتار ڪيو ويو ته شهرين ۽ سيپڪو عملي ۾ ڇڪتاڻ وارو ماحول پيدا ٿي ويو جڏهن ته سيپڪو ايس ڊي او گرفتار ميٽر صارفين کان قسط جي صورت ۾ رقم وصول ڪرڻ بعد کين آزاد ڪري ڇڏيو ان حوالي سان سيپڪو ايس ڊي او محمد اسلم ابڙو جو چوڻ هو ته وگهڙ شهر تي 90 لک رپين کان وڌيڪ رهڻون آهن جن ۾ ڪمرشل دڪان ڪارخانا هيلر مشين ۽ ٻيا ڪاروباري هنڌ شامل آهن جنهن ڪري ڪجهه صارفين کي گرفتار ڪري قسط جي صورت ۾ رقم وصول ڪري کين ڇڏيو ويو آهي جڏهن ته بقاياجات جي وصولي لاءِ وقفي کان ڪارروائي جو اهڙو ليڊر پڻ جاري ڪيو ويو آهي ان سلسلي ۾ بجلي چورن خلاف سختي سان ڪارروائي ڪئي ويندي جيئن بجلي جي ڪوٽ کي ختم ڪري لوڊشيڊنگ گهٽائي وڃي.

ڪراچي ۾ پاڻي جي ٽينڪر جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار فوت

فوت ٿيل شهري جي سڃاڻپ اڪرم ۽ زخمي جي سڃاڻپ شعبان طور ٿي

پوليس ٽينڪر ڊرائيور کي پڪڙي ٽينڪر کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو

ڪراچي (بيورو رپورٽ) سچل ٿاڻي جي علائقي ۾ صفورا رم جهم ٽاور ياسين امام بارگاهه جي ويجهو هڪ تيز رفتار پاڻي جي ٽينڪر جي ٽڪر ۾ موٽرسائيڪل سوار فوت ٿي ويو ۽ ٻيو زخمي ٿي پيو انهن کي فوري طور تي ڇيپا ايمبولينس ۾ عباسي شهيد اسپتال منتقل ڪيو ويو. فوت ٿيل شهري جي سڃاڻپ 47 سالن جي اڪرم پٽ صاحب ۽ زخمي جي سڃاڻپ 43 سالن جي شعبان پٽ لقمان طور ٿي آهي حادثي ۾ فوت ٿيل ۽ زخمي جي فوري رهائش جي خبر نه پئجي سگهي حادثي کان پوءِ پاڻي جي ٽينڪر جو ڊرائيور فرار ٿي رهيو هو ته پوليس ڪيس پيڇو ڪرڻ کان پوءِ پڪڙيو ۽ ٽينڪر کي تحويل ۾ وٺي ڇڏيو ايس ايڇ او سچل امين ڪوسو موجب پاڻي جي ٽينڪر جي گرفتار ڊرائيور خلاف قانوني ڪارروائي ڪئي پئي وڃي.

نيوزيلينڊ ۽ ڏکڻ آفريڪا جي وومينز ڪرڪيٽ ٽيمن وچ ۾ ٻيهرين ون ڊي ميچ 29 مارچ تي کيڏي ويندي

ويلنگٽن (اي پي پي) نيوزيلينڊ ۽ ڏکڻ آفريڪا جي وومينز ڪرڪيٽ ٽيمن وچ ۾ ٽن هڪ ڏينهن واري بين الاقوامي ميچن تي ٻڌل سيريز جي ٻيهرين ميچ 29 مارچ تي هيگلي اوول ڪرائسٽ چرچ ۾ کيڏي ويندي ان کان اڳ ميزبان نيوزيلينڊ جي ٽيم مهمان ڏکڻ آفريڪا جي وومينز ٽيم کي 5 ٽي ٽوئنٽي ميچن جي سيريز ۾ 4-1 تان شڪست ڏني هئي نيوزيلينڊ جي وومينز ٽيم اميليا ڪير جي قيادت ۾ ميدان ۾ لهندي جڏهن ته ڏکڻ آفريڪا وومينز کي لورا وولوارڊٽ ليڊ ڪندي ٻنهي ٽيمن وچ ۾ ٽيين ون ڊي ميچ ٻيهرين اپريل تي ويلنگٽن جڏهن ته ٽئين ۽ آخري ون ڊي ميچ 4 اپريل تي ساڳي هنڌ کيڏي ويندي

گڊو بئراج جيمان نڪرندڙ سيٽي واهه ٻيهرين اپريل کان 30 اپريل 2026 تائين بند رهندا: پڌرائي

سکر (بيورو رپورٽ) چيف انجنيئر ايريگيشن گڊو بئراج ريجن سکر پاران جاري ڪيل پڌرائي موجب گڊو بئراج جي ڪمانڊ وارن علائقي جي واسطيدار ادارن ۽ آباد زميندارن آبادگارن کي آگاهه ڪيو وڃي ٿو ته گڊو بئراج مان نڪرندڙ سيٽي واهه ٻيهرين اپريل کان 30 اپريل 2026 تائين بند رهندا پڌرائي ۾ ٻڌايو ويو آهي ته واهن جي بندش معمولي جاچ سار سنڀال ۽ ضروري مرمتي ڪمن سبب ڪئي پئي وڃي ته جيئن آبپاشي جي نظام جي ڪارڪردگي کي بهتر بڻائي سگهجي.وڌيڪ ٻڌايو ويو آهي ته بئراج جا گيٽ 31 مارچ ۽ ٻيهرين اپريل جي وچ واري رات 12 وڳي کان آهستي آهستي کوليا ويندا جڏهن ته 30 اپريل ۽ ٻيهرين مئي جي وچ واري رات 12 وڳي کان ٻيهر بند ڪيا ويندا. ان عرصي دوران گڊو بئراج مان نڪرندڙ

پنجاب جي گورنر پاران سنڌ جي گورنر کي عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد

گورنر پنجاب سردار سليم حيدر نهال هاشمي سان گورنر هائوس ۾ ملاقات ڪئي

ڪراچي (بيورو رپورٽ) گورنر سنڌ سيد محمد نهال هاشمي سان گورنر پنجاب سردار سليم حيدر گورنر هائوس ۾ ملاقات ڪئي ان موقعي تي پنجاب جي گورنر سيد محمد نهال هاشمي کي گورنر سنڌ جو عهدو سنڀالڻ تي مبارڪباد ڏني ملاقات ۾ بين الصوبائي هم آهنگي، تعاون ۽ رابطن جي فروغ تي تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي ٻنهي اڳواڻن قومي استحڪام عوامي ڀلائي ۽ ترقياتي معاملن تي هڪ گڏيل حڪمت عملي اختيار ڪرڻ تي بحث ڪيو گورنر سنڌ ۽ گورنر پنجاب وفاقي يونٽن جي وچ ۾ لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط ڪرڻ تي اتفاق ڪيو ۽ عوامي مسئلن جي حل ۽ بهتر حڪمراني لاءِ گڏجي ڪم ڪرڻ جي عزم جو اظهار ڪيو

هن وقت حڪومت ۽ سياست کي يرغمال بڻايو ويو آهي: ڪاشف شيخ

ملڪ صرف آئين ۽ قانون جي حڪمراني ۽ جمهوريت جي بالادستي سان اڳتي وڌي سگهي ٿو

وطن مهانگائي بدامني ۽ ٻاهرين حملن سميت ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي

ڪراچي/لاڙڪاڻو (بيورو رپورٽ) جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ ... قاري ابو زبير جکرو ۽ امان الله سيال پڻ موجود هئا. صوبائي امير چيو ته ملڪ صرف آئين ۽ قانون جي حڪمراني ۽ جمهوريت جي بالادستي سان اڳتي وڌي سگهي ٿو هن وقت حڪومت ۽ سياست کي يرغمال بڻايو ويو آهي ۽ پارليامينٽ کي ربڙ جي اسٽيمپ بڻايو ويو آهي اهو ئي سبب آهي جو اڄ پيارو وطن مهانگائي، بدامني ۽ ٻاهرين حملن سميت ڪيترن ئي مسئلن کي منهن ڏئي رهيو آهي

گيس جي اگهن ۾ واڌ، آمريڪي پوسٽل سروس پاران فيول سرچارج لاڳو

واشنگٽن (اي پي پي) آمريڪي پوسٽل سروس وچ اوڀر ۾ جاري ايران آمريڪا ۽ اسرائيل جي جنگ جي ڪري گيس جي وڌندڙ قيمتن کي نظر ۾ رکندي پهريون ڀيرو 8 سيڪڙو جو عارضي فيول سرچارج لاڳو ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي برطانوي ميڊيا آمريڪي پوسٽل سروس جي حوالي سان ٻڌايو آهي ته هن قدم جو مقصد مارڪيٽ جي حالتن مطابق ترتيب ڏيڻ ۽ مالي دٻاءُ کان سواءِ ملڪ گير خدمتون جاري رکڻ آهي آمريڪي پوسٽل سروس موجب اها واڌ رڳو پيڪيجز تي لاڳو ٿيندي اها واڌ 26 اپريل کان لاڳو ٿيندي ۽ 17 جنوري 2027 تائين جاري رهندي ان کان پوءِ آمريڪي پوسٽل سروس فيصلو ڪندي ته ڇا ٻي ڊگهي مدي جي حل جي ضرورت آهي آمريڪي پوسٽل سروس (يو ايس پي ايس) هڪ هفتي ۾ 170 ملين کان وڌيڪ پارسل پهچائي ٿي جڏهن ته ٻين پوسٽل سروسز اڳ ئي گهڻو اڳ اضافي سرچارج لاڳو ڪري چڪيون هيون اها واڌ ٻين ڪمپنين جي ڀيٽ ۾ تمام گهٽ آهي جن هن مدي ۾ 33 سيڪڙو سرچارج لاڳو ڪيو آهي

"CLASSIFIED ADVERTISMENT"

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب فيملي جج شهيد بينظير آباد

(روبرو جناب عابد علي لاکو)

فيملي سوٽ 65 سال 2026

مسمات اقرا ڌيءُ غلام اڪبر زال عمران علي ٻير رهندڙ چانڊيو ڪالوني نزد گلشن پبلڪ اسڪول سوسائٽي نوابشاهه .. پلينٽف ..بخلاف.. عمران علي ولد ابو بڪر رهندڙ ڳوٺ اسماعيل ٻير تعلقو نوابشاهه ضلعو شهيد بينظير آباد ..ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف نڪاح ٽوڙائڻ لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 31-03-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب داخل ڪندا توهانجي غير حاضر رهڻ جي صورت ۾ ڪيس کي هڪطرفو ٻڌي قانون موجب فيصلو ڪيو ويندو

فيملي جج شهيد بينظير آباد

ڪورٽ نوٽيس

عدالت ۾ جناب سول/ فيملي جج III مٽياري

(روبرو جناب نجيب الله سومرو)

فيملي سوٽ سال 2026

مسمات سائره ڌيءُ اميد علي زال شيراز ملڪ رهندڙ سوڪ سينٽر اوڏيرولعل اسٽيشن ضلعو مٽياري .. پلينٽف ..بخلاف.. شيراز ملڪ ولد اصغر رهندڙ ڳوٺ پير بخش ملڪ رهندڙ ڳوٺ پير بخش ملڪ تعلقو پنو عاقل ضلعو سکر.ڊفينڊنٽس

نالي مٿئين ڊفينڊنٽس ڏانهن:

جيئن ته مٿئين پلينٽف توهان جي خلاف ماڻر جي مينٽيننس لاءِ درخواست داخل ڪئي آهي تنهنڪري توهان کي هن اخبار جي اشاعت ذريعي آگاهه ٿو ڪجي ته تاريخ 10-04-2026 تي وقت 8.30 بجه صبح جو توهان پاڻ يا ڪنهن وڪيل جي معرفت هن ڪورٽ ۾ حاضر رهي پنهنجا جواب

Oil & Gas Development Company Limited

ogdc the energy

INVITATION TO E-BIDS
THROUGH SAP ARIBA DISCOVERY

E-Bids are invited through SAP-Ariba Discovery for the service/material given below under competitive bidding procedure as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) rules:

SR #	TENDER N0	DESCRIPTION	CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-SERVICES-PQ-DO-317207185-2026	PREQUALIFICATION OF 2000 HP RIG(S) SERVICES	13.04.2026 AT 1030 Hrs
2.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-WL-315045222-2026	HIRING OF VEHICLE	13.04.2026 AT 1030 Hrs
3.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-DO-317198774-2026	HIRING OF 750-1000 HP RIG FOR MARU-3	13.04.2026 AT 1130 Hrs
4.	OGDCL-SCM-FC-CB-PROJ-SINJ-II-PC-317303901-2026	HIRING SERVICES OF PC CONTRACTOR FOR SINJHORO-II FIELD DEVELOPMENT PROJECT	27.04.2026 AT 1100 Hrs

EXTENSION NOTICE
BID CLOSING & OPENING DATE

2. Reference our Tender Notice(s) published in newspapers on **20.01.2026, 19.02.2026, 11.03.2026** and **12.03.2026**, it is notified that the bid submission/opening dates of the following cases are extended as follows:

SR #	TENDER N0	DESCRIPTION	REVISED CLOSING DATE & TIME
1.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-EXPL-315723553-2026	GEOLOGICAL FIELD WORK FOR TANISHPA AND LUGAI E.Ls	14.04.2026 AT 1030 Hrs
2.	OGDCL-SCM-SERVICES-CB-RM-308636654-2026	HIRING OF FIELD SUPPORT RESOURCES FOR DRILLING OPERATIONS	14.04.2026 AT 1030 Hrs
3.	OGDCL-SERVICES-CB-PROD-315673088-2026	HIRING OF CONSULTANCY SERVICES FOR INTEGRATED WELL INTERVENTION STRATEGIES	21.04.2026 AT 1030 Hrs

3. Bidders who have already submitted/sent their proposals (bids) may take them back and re-submit the same before the revised closing date and time mentioned above.
4. All bids will be opened 30 minutes after the bids closing date & time.
5. Tender Notice/ detailed instructions are available on PPRA website at **www.ppra.org.pk.**
6. Tender documents are available online and bids are also required to be submitted online through e-procurement portal at **https://ogdcl.com/sap-ariba-tenders** or **https://discovery.ariba.com/profile/AN01562899621.** For details see "Instruction for Bidders Section" of the tender documents.
7. OGDCL reserves the right to accept or reject any bid and to annul the bidding process and reject all the bids as per Public Procurement Regulatory Authority (PPRA) Rule-33

General Manager
(Supply Chain Management)
Oil & Gas Development Company Limited
OGDCL House, Plot 03, F-6/G-6, Jinnah Avenue, Blue Area Islamabad-Pakistan
Tel: +92 (51) 920023652/3780

ogdcl.com
No. 134/27

LARGEST TAX PAYER COMPANY OF THE NATION — WE EXPLORE PROSPERITY

خيرپور پرسان ٻن موٽرسائيڪلن وچ ۾ ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو فوت، 5 زخمي

ٽيڙهي روڊ تي پيش آيل حادثي جي نتيجي ۾ عرفان ڦلپوٽو ٿڌي تي دم ڏئي حوالي ڪيو

حادثي ۾ زخمي فاروق ڦلپوٽو، جواد ناريجو سميت 5 ڄڻن ۽ لاش کي سول اسپتال منتقل ڪيو ويو

لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي، گهر پهچڻ تي وارثن ۾ ڪهرام مچي ويو

خيرپور (ڊ ر) خيرپور پرسان ٽيڙهي روڊ تي تيز رفتار ٻن موٽرسائيڪلن وچ ۾ ٽڪر ٿيڻ جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو فوت، ٽي زخمي اسپتال منتقل. هڪ ڄڻي جي حالت ڳڻتي جوڳي. تفصيل موجب ڀيرلوءِ ٿاڻي جي حد ٽيڙهي روڊ تي تيز رفتار ٻن موٽرسائيڪلن وچ ۾ آمهون سامهون ٽڪر ٿي پيو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڄڻو عرفان ڦلپوٽو فوت ٿي ويو جڏهن ته فاروق ڦلپوٽو، جواد ناريجو سميت 5 ڄڻا سخت زخمي ٿي پيا جڏهن ته هڪ ڄڻي حالت ڳڻتي جوڳي ٻڌائي پئي وڃي جنهن کي پڻ آپريشن ٿيٽر وارڊ ڏانهن منتقل ڪيو ويو آهي موقعي تي موجو ماڻهن فوتي جي لاش ۽ زخمين کي سول اسپتال منتقل ڪرايو جتان ضروري ڪارروائي بعد فوتي نوجوان جو لاش وارثن حوالي ڪيو ويو
بقايا نمبر 1 ڏسو صفحو 5

ڀيرلوءِ پوليس پاران جوا جي اڏي تي ڇاپو هڻي 9 ڄڻن کي گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور (ڊ ر) خيرپور پرسان ڀيرلوءِ پوليس ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي ٽاور واري هوٽل تي قائم جوا جي اڏي تي ڇاپو هڻي 9 ڄڻن کي گرفتار ڪري ورتو پوليس ڳجهي اطلاع تي ڪارروائي ڪندي اوچتو هوٽل تي پهتي جتي آڪڙا پرچي ۽ جوا
بقايا نمبر 2 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: آمريڪي ۽ اسرائيل جي حملي خلاف احتجاجي مظاهرو ڪيو پيو وڃي

جيڪب آباد ۾ مبينا پراڻي تڪرار تان هٿيارٻندن جي فائرنگ ۾ هڪ ڄڻو مارجي ويو

ڊي سي چوڪ تي موٽر سائيڪل سوار هٿيارٻندن فائرنگ ڪري آزادي خان گاڏهي کي قتل ڪري فرار ٿي ويا

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٽائي سول اسپتال مان پوسٽ مارٽم ڪرائڻ بعد وارثن حوالي ڪيو

آزاد خان جهيڙي کان تنگ ٿي ڳوٺ ڇڏي ڪري محمدپور اوڊ ۾ رهيو، ڪيس پراڻي تڪرار تان قتل ڪيو ويو آهي: ذريعا

جيڪب آباد (ڊ ر) جيڪب آباد جي سٽي ٿاڻي جي حد ڊي سي چوڪ تي موٽر سائيڪل سوار اڻڄاتل هٿيارٻندن فائرنگ ڪري ڳوٺ ياڻي خان بليدي جي رهواسي هاري آزادي خان گاڏهي کي قتل ڪري ڇڏيو واقعي کان پوءِ جوابدار فائرنگ ڪندا فرار ٿي ويا، اطلاع تي حد جي پوليس پهچي لاش کي تحويل ۾ وٺي سول اسپتال منتقل ڪري مقتول جي وارثن کي اطلاع ڏنو جيڪي اسپتال پهچي ويا، جڏهن ته ڊاڪٽرن پاران مقتول جي لاش جو پوسٽ مارٽم ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪري ڇڏيو جيڪي لاش ايمبولينس ذريعي سندس گهر کڻائي ويا. ذريعن کان مليل ڄاڻ موجب: آزاد خان کي پراڻي دشمني تان قتل ڪيو ويو آهي جيڪو جهيڙي کان تنگ اچي ڳوٺ ياڻي خان بليدي مان لڏپلاڻ
بقايا نمبر 3 ڏسو صفحو 5

شڪارپور ۾ جعفري برادري جو پوليس جي مبينا زيادتين خلاف احتجاج

جيڪب آباد ويجهو بنگلاڻي برادري جي ڌرين ۾ پراڻي تڪرار تان جهيڙو، هڪ ڄڻو قتل، 10 ڄڻا زخمي

ٿل جي سي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڳوٺ وارث ڏنو ڌرين هڪٻئي مٿان لٺين، مڪن، لٺين ۽ ڪهاڙين جو وسڪارو لائي ڏنو

زخمي قربان علي، ظفر، غالب، محمد اسلم، معشوق علي، صدر الدين، زاهد، ۽ ٻين کي اسپتال آندو ويو

لاش پوسٽ مارٽم ڪرائي وارثن حوالي ڪيو آهي، جهيڙو پراڻي تڪرار تان ٿيو آهي وڌيڪ جاچ ڪري رهيا آهيون: پوليس

جيڪب آباد (ڊ ر) تعلقي ٿل جي سي سيڪشن ٿاڻي جي حد ڳوٺ وارث ڏنو بنگلاڻي ۾ پراڻي تڪرار تان بنگلاڻي برادري جي ٻن ڌرين وچ ۾ جهيڙو ٿي پيو جنهن دوران ٻنهي ڌرين پاران هڪٻئي مٿان لٺن مڪن لٺين ۽ ڪهاڙين جو وسڪارو لائي ڏنو جنهن جي نتيجي ۾ هڪ ڌر جو مهندا بنگلاڻي ڪهاڙيون لڳڻ سبب موقعي تي ئي مارجي ويو جڏهن ته لٺيون ۽ ڪهاڙيون لڳڻ سبب ٻنهي ڌرين جا قربان علي، ظفر غالب، محمد اسلم، معشوق علي، صدر الدين، زاهد، خير الدين بنگلاڻي سميت 10 ڄڻا زخمي ٿي پيا علائقي واسين وچ ۾ پئي جهيڙيندڙ ڌرين کي ڇڏائي ورتو جنهن بعد جهيڙي دوران مارجي ويل هڪ ڄڻي جي لاش سميت زخمين کي تعلقي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي
بقايا نمبر 15 ڏسو صفحو 5

جيڪب آباد: بنگلاڻي برادري ۾ جهيڙي ۾ مارجي ويل شخص جو لاش

راڌيڊيرو لڳ عورت گهريلو پريشانين سبب آپگهات ڪري ڇڏيو

ڳوٺ الهوڙايو ٻهلڪيم واسي شڪيلان خاتون ٻهلڪيم زهريلي دوا پي انت آندو

اطلاع تي پوليس پهچي لاش ڪٽائي ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪري جاچ شروع ڪئي

راڌيڊيرو (ن ع) حواجائي زندگيءَ جو ٻار نه سهي سگهي جو پنهنجي زندگيءَ جو انت آڻي ڇڏيو راڌيڊيرو لڳ عورت مبينا طور گهريلو پريشانين سبب زهريلي دوا پي آپگهات ڪري ڇڏيو رپورٽ موجب راڌيڊيرو لڳ آڳرا ٿاڻي جي حد ڳوٺ الهوڙايو ٻهليم ۾ عورت شڪيلان خاتون ٻهليم مبيناطور گهرو معاملن تان زهريلي دوا پي آپگهات ڪري ڇڏيو عورت جو لاش آڳرا اسپتال منتقل ڪيو ويو جتان ضروري ڪارروائي بعد مڙهه وارثن حوالي ڪيو
بقايا نمبر 14 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار ۾ شيعا اثنا عشري جماعت پاران جنت البقيع ۾ مقدس مقبرن کي ڊاهڻ خلاف ريلي ڪڍي وئي

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) ٽنڊوالهيار ۾ شيعا اثنا عشري جماعت مرڪز ولايت علي عليه السلام پاڪستان سنڌ جي سربراهه سيد علي رضا شاهه عرف جاني شاهه جي حڪم تي عالمي يوم تهديم جنت البقيع جي موقعي تي ضلعي صدر سيد شڪيل شاهه
بقايا نمبر 13 ڏسو صفحو 5

ميرپورخاص: جنت البقيع ۾ مزار ڊاهڻ خلاف شيعا تنظيمن پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ميرپورخاص ۾ جنت البقيع کي ڊاهڻ خلاف مختلف تنظيمن پاران احتجاجي ريليون

تحريڪ نفاذ جعفريه صادقين ۽ مرڪزي ولايت سنڌ پارٽي علي رضا شاهه گروپ پاران احتجاجي ريليون ڪڍيون ويون

مقدس ماڳن جو احترام سڀني مسلمانن جي گڏيل ذميواري ۽ عالمي سطح تي ان حوالي سان سنجيده قدم کنيا وڃن: مقرر

جنت البقيع جي اصل تاريخي حيثيت بحال ڪري دفن عظيم شخصيتن جي مزارن جي ٻيهر تعمير ڪئي وڃي

وڳڻ: سيپڪو عملدار ٻاقيدارن جا بل چيڪ ڪري رهيا آهن

خيرپور لڳ ٽرالر جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر، نوجوان عورت فوت، هڪ زخمي

قومي شاهراهه تي پيش آيل حادثي ۾ ريحانا ڪوڪر فوت ۽ نينگر يوسف زخمي ٿي پيو

فوتي عورت جو لاش ۽ زخمي کي اسپتال منتقل ڪرڻ بعد لاش وارثن حوالي ڪيو ويو

خيرپور (ڊ ر) خيرپور لڳ قومي شاهراهه تي تيز رفتار ٽرالر جو موٽر سائيڪل کي ٽڪر لڳڻ جي ڪري نوجوان عورت ريحانا ڪوڪر فوت ٿي وئي آهي جڏهن ته نينگر محمد يوسف ڪوڪر سخت زخمي ٿي پيو آهي جڏهن ته فوت ٿيل عورت ۽ زخمي کي سول اسپتال منتقل واقعي جي اطلاع تي گهر ۾ ڪهرام مچي ويو آهي

دادو ۾ ڪولڙي جي صحافي پائرن جي گهرن تي حملي خلاف قلم ڌڻين جو احتجاج

مظاهرين گلن پنهور، ولي محمد لنڊ، نظام شيخ ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ احتجاج ڪيو

صحافي باريجا ڀائرن جي گهرن تي ڪاهون ڪندڙ جوابدارن کي گرفتار ڪري سزا ڏني وڃي

دادو (ڊ ر) دادو ۾ ڪولڙي جي صحافي ڀائرن اسماعيل باريجو ڏٽي بخش باريجو ۽ عظيم باريجو کي هڪ سوچيل سمجهيل گهري سازش تحت ڪين نشانو بڻائي سندن زندگين کي خطرن ۾ وجهڻ خلاف حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي مرڪزي سڏ تي ضلع جي صدر گلن پنهور، ايڇ يو جي مرڪزي اڳواڻ ولي محمد لنڊ، دادو پريس ڪلب جي صدر نظام شيخ، راجا ڪوريجو الله بخش خشڪ، ولي چانڊيو، جاويد احمد لغاري، رفيق احمد چنا، علي گل چنا، ممتاز
بقايا نمبر 16 ڏسو صفحو 5

ٽنڊوالهيار يونين آف جرنلسٽس پاران صحافين جي گهرن تي حملن خلاف احتجاج

مظاهرين امان الله ڪوڪر، خميسو داؤدپوٽي، غلام رسول درس، فهد راجه ۽ ٻين احتجاج ڪيو

صحافي اسماعيل باريجو ۽ ٻين جي گهرن تي حملي ۾ ملوث جوابدارن کي گرفتار ڪيو وڃي

ٽنڊوالهيار (ڊ ر) جامشوري جي صحافي ڀائرن اسماعيل باريجو ڏٽي بخش باريجو ۽ عظيم باريجو جي گهرن تي حملي ۽ کين حراسان ڪرڻ واري عمل خلاف حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي سڏ تي ٽنڊوالهيار يونين آف جرنلسٽس ۽ ٽنڊوالهيار پريس ڪلب جي صحافين پاران احتجاج ڪيو ويو ان موقعي تي حيدرآباد يونين آف جرنلسٽس جي مرڪزي اڳواڻ امان الله ڪوڪر، ٽنڊوالهيار پريس ڪلب جي جنرل سيڪريٽري خميسو داؤدپوٽي، غلام رسول
بقايا نمبر 17 ڏسو صفحو 5

سامارو: زخمي ٿيل ٻه ڄڻا اسپتال ۾ داخل آهن

خيرپور ۾ مهراڻ يوٿ آرگنائيزيشن پاران مهانگائي ۽ بيروزگاري خلاف ريلي

مظاهرين ظفر حيدر بلوچ، شاهزيب الرحمان، محبوب علي ۽ ٻين احتجاج ڪيو

اعليٰ عدالتون مهانگائي ۽ بيروزگاري جو ٻاڙهوڙ نوٽيس وٺي عوام کي رليف فراهم ڪرائين

خيرپور (رپورٽ: عبدالمجيد پنهور) خيرپور ۾ مهراڻ يوٿ آرگنائيزيشن پاران هٿرادو مهانگائي ۽ بيروزگاري خلاف ڪورٽ روڊ کان پريس ڪلب تائين ريلي ڪڍي بينر ۽ پلي ڪارڊ هٿن جن تي لکيل هو "مهانگائي نامنظور" غريب عوام سان انصاف ڪريو" ۽ "بيروزگاري ختم ڪريو" جا مطالبا هٿا ان موقعي تي اڳواڻن خطاب

ٽنڊو محمد خان پوليس پاران 12 جوابدارن کي ڦرن، منشيات جي الزام ۾ گرفتار ڪرڻ جي دعويٰ

خيرپور ميونسپل ملازم ۾ بنا جواز پگهار بند ڪرڻ خلاف احتجاج

رانيپور ۾ ڪڪ جو اڳهه مقرر نه ڪرڻ ۽ جائز مطالبن جي مڃتا لاءِ احتجاج

اسلام ڪوٽ اي سي پاران شهر ۾ غيرقانوني هلندڙ 6 تيل جون ايجنسيون سيل

پنوعاقل لڳ هٿيارٻندن جي فائرنگ، 2 ڄڻا سخت زخمي، اسپتال داخل

سامارو لڳ موٽر سائيڪل سلپ ٿيڻ سبب نوجوان زخمي، اسپتال منتقل

ڪوٽڙي جي باريجا صحافي پائرن کي ڌمڪين خلاف سنڌ جي مختلف شهرن ۾ احتجاجي مظاهرا

شهدادپور ۾ بااثر جوابدارن پاران ڪولهن هڻي زخمي ڪري ڇڏيو، اسپتال داخل

باڊهه ۾ مقتول جو لاش رکي وارثن جو احتجاج، ڪيس داخل

فريدآباد ويجهو ڳوٺ سوجهرو ۾ چانڊيو برادري جي ٻن ڌرين ۾ جهيڙو

سامارو لڳ ڪوسا برادري جي ڌرين ۾ جهيڙو، هڪ ڄڻو زخمي، اسپتال داخل

عورت جون نازيبا تصويرون ڪيندڙ جوابدار کي 9 سال قيد

ملي ويجهو ڳوٺ لوٺيهار ۾ هڪ نوجوان آپگهات ڪري ڇڏيو

منگهوپير ٽائون ميونسپل ڪارپوريشن جو اهم اجلاس

ڪڪڙ ۾ نشي آور سپارين جو وڪرو سرعام جاري

ٿئو پارٽي جي ليڊر ذوالفقار علي پنو پاران ڪاشف ڀاڳي جي قتل خلاف احتجاجي مظاهرو

ايڇ يو جي جي سڏ تي ڪوٽڙي سانحي ۾ مظاهرو

سنڌ يونيورسٽي پاران لاڪمينٽ 2026ع

باڊهه: مقتول وزير پنهور جو لاش رکي وارثن احتجاج ڪري رهيا آهن

احمد علي سومري جي تحقيقي ڪتاب "اٻيهٽندو ڪنڊ ڪارو" جي مهورتي تقريب

سانگهڙ: بجلي بحال ڪرڻ لاءِ سياسي ڌرين احتجاج ڪيو پيو وڃي

ڪنڊيارو: زخمي پرهيوت اسپتال ۾ داخل آهي

شڪارپور: ڳوٺاڻا مطالبن جي حق ۾ احتجاج ڪري رهيا آهن

همدرد سپورٽ پروگرام جي چيئرمين جي ماءُ ۾ جهاندانو

ٽنڊوالهيار لڳ موبائل چوري تان جهيڙو، عورت سميت ٻه ڄڻا زخمي، اسپتال منتقل

عدالتي حڪمن تي عمل نه ڪندڙ عملدارن خلاف ڪارروائي جي هدايت

محرابپور پرسان نامياري ليکڪ رسول بخش راز شيخ جي ورسي تقريب

صحافي علي گل ڊيٿو جي نينگري کي اسڪولن ڊائريڪٽر جي پاران مفت مينڊ ڏانهن

اين اي ڊي يونيورسٽي ايڊمشن ٽيسٽ ۾ 140 جو اضافو

آمدني ڊيوٽي ۾ برادري ۽ انشورنس خرچ ۾ اضافي بابت

دادو: سماجي سوشلسٽ عورتون ۽ ڪارڪنان احتجاج ڪري رهيون آهن

ملي ۾ پ پ جي رهنما جي والده جي وفات تي تعزيتي سلسلو جاري

ڪوٽڙي جي صحافين جي گهرن تي ڇاپن خلاف لاڙڪاڻي ۾ مظاهرو

بدين: شهري آفيسر خلاف ملازم احتجاج ڪري رهيا آهن

جستجو پاران لاڙڪاڻي ۾ وڏيرو ڪنڊگي، مجرمان اسپري نه ڪرائڻ خلاف مظاهرو

مبينا ڪنبي گرڪيل مامي ۽ 9 ورهين جي ڀاڻيجي جي آزادي لاءِ احتجاج

هي اخبار پرنٽر ناصر جمال سومرو پبلشر پرنٽرز مان ڇپرائي، عبرت گروپ آف پبليڪيشنز جي تحت عبرت بلڊنگ گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي جاري ڪئي.